ABC Certified

**A COMPREHENSIVE FAMILY HEALTH MAGAZINE**

**HEALTH - ENVIRONMENT - POPULATION WELFARE**

MONTHLY WAIJ KARACHI

وڻ ويڄن وٽ، جي سِڪين تہ سَڪھو ٿيئن (شاھ)

ماھوار

# ويڄ

ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پھريون رسالو

MARCH : 2004   RS. 20.00

## شمس سومري جون يادون

## اھي ڏينھن، اھي راتيون

## لاڙڪاڻي ۾ ليشمينياسز بابت

## سيمينار جي رپورٽ



## ڊاڪٽر خالده سومرو سان

## دل جي بيمارين بابت

## تفصيلي ڳالھ ٻولھ

# ٽي بي - تشخيص ۽ علاج

**(WORLD TUBERCULOSIS DAY SPECIAL)**


23rd March
Pakistan Day
OGDCL
Lighting up
the Future
The future looks bright
as it reflects our commitment
to the 23rd March Resolution
and OGDCL is lighting areas
in community development
& national prosperity.
Oil & Gas Development
Company Limited

# LETTES TO THE EDITOR

# اوهان جي راءِ ۾ پڙهندڙن جا خط

## پنهنجي پاران

"ويج" جي ساٿين، قلمي سهڪار ڪندڙن ۽ مهربان پڙهندڙن کي گذارش ڪجي ٿي ته "ويج" ۾ بجاءِ تعريفي خط شايع ڪرڻ جي، اسان کي خوشي ٿيندي جيڪڏهن "ويج" جا پڙهندڙ مواد جي مناسب واکاڻ ڪرڻ سان گڏ، اسان جي خامين ۽ ڪوتاهين ۽ پنهنجي مثبت تجويزن کان به اسان کي آگاهه ڪندا رهن. "ويج" اوهان ۽ اسان سڀني جو رسالو آهي. ان جو مکيه مقصد عام صحت جي واڌاري ۽ سڌاري بابت ڄاڻ ڏيڻ آهي. اميد ته ان ڏس ۾ اوهان جو تعاون جاري رهندو.

— ادارو

### ڊاڪٽر شمس جي مرتئي تي تعزيت

ماهوار ويج جو ڊسمبر وارو پرچو پڙهيم. "ڊاڪٽر شمس سومرو اسان وٽان هميشه لاءِ موڪلائي ويو." ڏاڍو ڏک ٿيو. الله تعاليٰ کيس جنت الفردوس نصيب فرمائي، آمين.

ڊاڪٽر شرف علي شاهه جو انٽرويو چڱو هئو. باقي ايڊز بابت بنيادي ڄاڻ ميسر ٿي. ٻيا مضمون به چڱا لڳا، علي مرتضيٰ ڌاريجو به نباهيندو پيو اچي جس لهڻو. "پاڪستان ۾ ڄمر روڪ طريقن جو رواج ۽ ان جي ڄاڻ". بوريت محسوس ٿي ۽ وقت جو سيڙاپو ڪرڻو پيو ڪا خاص ضرورت نه هئي. پيج سيڙايا ويا. ويج هيلٿ پروموٽرز فورم لاءِ ڪجهه سوال پڇيا وڃن پوءِ پلي انهن جا جواب رسالي ۾ موجود هجن ۽ انهن کي سرٽيفڪيٽ به مهيا ڪريو ۽ رسالي ۾ خط موڪليندڙن جا نالا پڻ شامل ڪيو ته خبر پوندي ته ڪيترا دوست خط لکن ٿا. جواب ڏيڻ لازمي نه هوندو.

ڊاڪٽر محمد اسماعيل
ٻروڙ منور آباد لاڙڪاڻو

*ادا سائين!*

*تفصيلي خط لکڻ لاءِ مهرباني. ڄمر روڪ جا طريقا هڪ تحقيقي مضمون هئو. الائي ڇو توهان کي بوريت ٿي. اسان ته اهڙن مضمونن کي اوليت ڏيندا آهيون. باقي ٻين صلاحن ڏيڻ لاءِ توهانجي مهرباني. اميد ته جلد انهن تي عمل ڪبو. (ادارو)*

### اعزازي ڪاپي موڪليو

ماهوار "ويج" سنڌي ۾ طب جو هڪ اهم رسالو آهي، جيڪو ڪراچيءَ کان شايع ٿيندو رهي ٿو. هڪ ساٿيءَ کان معلوم ٿيو ته اعزازي ميمبرشپ به ٿيندي آهي. انڪري عرض ڪيون ٿا ته ٻهراڙي علائقي ۾ ماڻهن جي شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ هڪ ڪتب خانه جو اهتمام ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ عرض ڪجي ٿو ته اسان جي هن لائبرري لاءِ "ويج" جاري ڪرڻ فرمائيندا ۽ ٿي سگهي ته شايع ڪيل لٽريچر ۽ ڪتاب به عنايت ڪندا.

ٿورا نه ٿورا مونتي ماروئڙن جا
ڊائريڪٽر انچارج
سينٽرل لطيف لائبريري
نيهان ضلعو نوشهرو فيروز

*سائين! توهان جو حڪم اکين تي. اسان اعزازي ڪاپين موڪلڻ جو سلسلو جولاءِ 2004 کان وري باقاعدي شروع ڪري رهيا آهيون. انشاءَالله توهان کي ڪاپي ضرور موڪلبي. (ادارو)*

### هوميوپيٿي جا صفحا رکو

ويج پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي. سڀ مضمون سٺا ۽ اعليٰ آهن. هڪ ڪمي محسوس ڪيم، اميد ته نوٽ ڪندا ته مهرباني ٿيندي.

اهاڪوٽ آهي ته هوميوپيٿي جي باري ۾ اوهان جو ميگزين ڪو رهنمائي نٿو ڪري. اميد ته ايندڙ شماري ۾ هوميوپيٿي لاءِ به ڪجهه صفحا مخصوص ڪندا ته نهايت مهرباني ٿيندي.

مهرباني
ڊاڪٽر نظيراحمد جمالي

*ادا سائين!*

*اسانجي مئگزين جي پاليسي صرف صحت جي سجاڳي ۽ بنيادي ڄاڻ آهي ۽ نه ڪي علاج ٻڌائڻ ڇو ته اها ڳالهه سيلف ميڊيڪيشن ۾ اچي وڃي ٿي. باقي ايليوپيٿڪ دوائون به صرف اهي لکندا آهيون جيڪي وبائي مرضن لاءِ هونديون آهن ۽ ٻي ڳالهه ته اسان جي ايڊيٽوريل بورڊ ۾ ڪو هوميوپيٿي جو ماهر به نه آهي، جيڪو معاملن جي ڇنڊڇاڻ ڪري. (ادارو)*

### وس آهر سهڪار ڪندس

اوهانجو رسالو ويج نظرن مان گذريو، جنهن مان ڪافي سٺي اهم معلومات اسان کي ملي.

اوهان جي محنت قابل تعريف لائق آهي.

"ويج هيلٿ پروموٽرز فارم" به ڀري موڪليان ٿو. ويج هيلٿ پروموٽرز فورم جو ميمبر به ڪندا. مان پنهنجي وس آهر اوهان سان سهڪار ڪندس.

اوهان جي جواب جو انتظار رهندو.

رسالو ۽ نمائندگي ڪارڊ موڪليندا.

اوهانجو پنهنجو
بابو ضياءُالدين احمد جوڻيجو
نمائندو - رتوديرو
ماهوار ويج ڪراچي

*ادا-*

*ترهانجي ميمبرشپ فارم موڪلڻ لاءِ مهرباني. باقي ڳالهين جو تفصيلي خط اوهان کي روانو ٿي چڪو آهي. (ادارو)*



مِلڪ فلو واپرايو تعليم عام ڪريو
ROYAL DAIRY
1000/- روپين
جي اسڪالرشپ
ڏٻي جي اندر
ڪوليو
BUY MILK FLOW
EDUCATE the UN-PRIVILEGED
MILK FLOW
dairy milk
Shehzad Roy
شهزاد راءِ جي زندگي ٽرسٽ لاءِ مِلڪ فلو جي آمدني جو هڪ حصو وقف!
Web Site: www.royaldairyproducts.com
Web Site: www.zindagitrust.org
Maxsell Communications

# ويج هيلٿ پروموٽرز فورم

ماهوار ويج جتي پڙهيل لکيل ماڻهن کي صحت جي ڄاڻ لاءِ ڪوشان آهي اتي هن ديس جي اڻ پڙهه ۽ اڻوجهه ماڻهن کي صحت جي بنيادي سکيا ڏيڻ ۽ بيمارين کان بچاءَ جي واٽ ڏيکارڻ جو عزم ڪري ٿو.

ان سلسلي ۾ اسان هيٺ ڄاڻايل متن ۽ مقصدن سان ”ويج هيلٿ پروموٽرز فورم“ جي شروعات ڪري رهيا آهيون.

1- ڪوبه اهڙو فرد (عورت يا مرد) جيڪو ماهوار ويج جون لکڻيون پڙهي ۽ سمجهي سگهي ٿو سو هن فورم جو ميمبر ٿي سگهي ٿو.

2- اهڙو فرد جيڪو ويج هيلٿ پروموٽرز فورم جو ميمبرن ٿيندو اهو عام ماڻهو جيڪي ويج کان مانوس نه آهن يا وري لکي پڙهي ڪونه ٿا ڄاڻن، تن کي ويج مان حاصل ڪيل صحت جي ڄاڻ جو پيغام پهچائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو.

3- ويج هيلٿ پروموٽرز فورم ۾ ڪ ڊاڪٽر/نرس/ڊسپينسر/ شاگرد يا عام ماڻهو چاهي اهو مرد هجي يا عورت، بنا ڪنهن امتياز ۽ فيس جي ميمبر ٿي سگهي ٿو. اهڙن ميمبرن کي هيٺ ڏنل حلف نامو ۽ ميمبري فارم پري اداري کي موڪلڻو پوندو، سندس ميمبرشپ کي يقيني بڻائڻ لاءِ ماهوار ويج جي ايندڙ شماري ۾ سندس نالي جو اعلان ڪيو ويندو.

4- ويج هيلٿ پروموٽرز فورم جي ميمبرن کي ماهوار ويج ذريعي متحد رکيو ويندو ۽ سندن صحت بابت ڄاڻ کي وڌايو/تازو ڪيو ويندو.

5- فورم جي باقاعده منظور ٿيڻ کان پوءِ ميمبرن جي ساليانې گڏجاڻي پڻ سڏائي ويندي.

هر مقصد سان متفق ساٿين کي گذارش آهي ته هيٺيون فارم پري اداري کي هيٺين ائڊريس تي موڪلين.

## ويج هيلٿ پروموٽرز فورم

معرفت ماهوار ويج، ڪمرو نمبر 53، پهرين ماڙ، بلاڪ-اي، معين اسٽيل مارڪيٽ، باباءِ اردو روڊ، ڪراچي

---

## ويج هيلٿ پروموٽرز فورم

## حلف نامي تي عزم

آئون ________________ پٽ/ڌيءُ/زال ________________

پنهنجي رضا خوشي ۽ هوش حواس سان ويج هيلٿ پروموٽرز فورم جو/جي ميمبر ٿيان ٿو/ٿي. آئون ان ڳالهه جو اقرار ٿو/ٿي ڪريان ته بنا ڪنهن غرض، لالچ ۽ وڏائي/ننڍائي جي پنهنجي ڄاڻ ۽ وس آهر عام ماڻهو تائين صحت جي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندس/پتوڙينديس.

ميمبر جي صحيح

---

## ذاتي تفصيل

نالو ________________ پيءُ/مڙس جو نالو ________________

ذات ________________ ڌنڌو ________________

تعليم ________________

ٻيون مصروفيتون ________________

ائڊريس: ________________

________________

ميمبر جي صحيح

---

نوٽ: هن فارم جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي به استعمال ڪري سگهجي ٿي.

493_ نالو:_ مولابخش پٽ:_ محمد سومر ذات:_ چانديو
پيشو:_ تعلقه سپروائيزر اي پي آءِ هيلٿ، تعليم:_ بي. ايس. سي.
ڀيون مصروفيتون:_ ڪتاب پڙهڻ.
ائڊريس:_ گچيرو روڊ مورو وارڊ نمبر 19، ضلع نوشهروفيروز.

494_ نالو:_ رجب علي پٽ:_ مولابخش، ذات:_ مهيسر
پيشو:_ شاگرد، تعليم:_ انٽر
ٻيون مصروفيتون:_ ڪتاب پڙهڻ، سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ.
ائڊريس:_ ڳوٺ سائين ڏنو ملاح، پوسٽ آفيس_ ڄامشورو تعلقو ڪوٽڙي، ضلعو دادو.

495_ نالو:_ عبدالڪريم پٽ:_ شير محمد، ذات:_ رند
پيشو:_ گورنمينٽ سروس، تعليم:_ ايم اي پوليٽيڪل سائنس.
ٻيون مصروفيتون:_ سوشل ورڪ، ائڊريس:_ پرگڙي فليٽ نمبر 36/2 ويجهو ڪيپري سينما، هيرآباد حيدرآباد.

496_ نالو:_ علي اڪبر پٽ:_ شير محمد، ذات:_ نوتاڻي چنو
پيشو:_ گورنمينٽ ٽيچر، ٻيون مصروفيتون:_ سوشل ورڪ ۽ انشورنس ڪمپنيءَ ۾ ملازمت.
ائڊريس:_ علي اڪبر چنڊ ڪنڊ جهنگ، گڏاپ ٽائون، UC-03 گڏاپ سٽي ڊسٽرڪٽ ڪراچي، معرفت ڪرپالاني ميڊيڪل اسٽور گڏاپ.

497_ نالو:_ زاهد علي پٽ:_ علي بخش، ذات:_ ابڙو
پيشو:_ ذاتي ڪاروبار، تعليم:_ انٽر ٻيون مصروفيتون:_ ڪمپيوٽر سکيا، ائڊريس:_ معرفت حضور بخش هوٽل رتوديرو ضلع لاڙڪاڻو.

498_ نالو:_ عبدالرزاق پٽ:_ عبدالغني، ذات:_ سومرو
پيشو:_ شاگرد، تعليم:_ ڊي. آءِ. ٽي
ٻيون مصروفيتون:_ سنا دوست ناهڻ ۽ ڪتاب پڙهڻ.
ائڊريس:_ هائوس نمبر 2222/B علي گوهرآباد لاڙڪاڻو.

499_ نالو:_ ڊاڪٽر نظير احمد پٽ:_ عطا محمد، ذات:_ جمالي.
پيشو:_ هوميو ڊاڪٽر، تعليم:_ انٽر ڊي ايڇ ايم ايس.
ٻيون مصروفيتون:_ ميگزين پڙهڻ، ائڊريس:_ گهر نمبر 318،
گهٽي نمبر 12، بلاڪ -C پٺاڻي آباد نزد ايئرپورٽ ڪراچي.

500_ نالو:_ عزيزالله پٽ:_ محمد اشرف، ذات:_ جمالي، پيشو:_ شاگرد، تعليم:_ گريجوئيشن اِن سوشيالاجي.
ٻيون مصروفيتون:_ ڪتاب ۽ رسالا پڙهڻ.
ائڊريس:_ گهر نمبر 223 گهٽي نمبر 4 بلاڪ -G ڏٽي بخش خاصخيلي ڳوٺ، ڪراچي.

501_ نالو:_ استاد عبدالقيوم لطيفي پٽ:_ حاجي محمد نوح، ذات:_ نوناري، پيشو:_ استاد، تعليم:_ ايم اي سنڌي ۽ اڪنامڪس، ايم ايڊ، بي. ايڊ، ڊي اي اِي (ايم ٽي)، ٻيون مصروفيتون:_ سوشل ورڪ، مذهبي پرچار، انسانن سان محبت ڪرڻ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌ ڌرتيءَ سان محبت ڪرڻ، ادبي، تاريخي ڪتاب گڏ ڪرڻ، ادب ۽ تاريخ جو مطالعو.
ائڊريس:_ بشيرآباد محلا واٽر سپلاءِ روڊ ٺل، ضلع جيڪب آباد.

502_ نالو:_ ڊاڪٽر غلام حيدر پٽ:_ محمد سجاول خان، ذات:_ لغاري، پيشو:_ ڊاڪٽر، تعليم:_ ايم بي بي ايس، ٻيون مصروفيتون:_ سوشل ورڪ، ائڊريس:_ گهر نمبر 670 سيڪٽر -B پٺاڻي ڪالوني، ڪورنگي ڪراسنگ ڪراچي.

503_ نالو:_ ڊاڪٽر جاويد احمد پٽ:_ پروفيسر احسان احمد، ذات: بدوي،
پيشو:_ ميڊيڪل آفيسر تعليم:_ ايم بي بي ايس، ايم ايس سي،
ٻيون مصروفيتون:_ ڪتاب پڙهڻ، سوشل ورڪ،
ائڊريس:_ W-8 نعمان گرانڊ سٽي گلستان جوهر ڪراچي.

504_ نالو:_ ڊاڪٽر محمد رفيق پٽ:_ محمد اسماعيل، ذات:_ سومرو، پيشو:_ ڊاڪٽر، تعليم:_ ايم بي بي ايس، ٻيون مصروفيتون:_ ميڊيڪل جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ، ائڊريس:_ پٺاڻي ميڊيڪل سينٽر مين روڊ حضرت بلال ڪالوني ڪورنگي انڊسٽريل ايريا، ڪراچي نمبر 31.

505_ نالو:_ محمد نواز پٽ:_ محمد حسن، ذات:_ لغاري،
پيشو:_ زراعت سان واسطو تعليم:_ بي اي، ،
ٻيون مصروفيتون:_ سماجي ڪم، ائڊريس:_ معرفت روشن ڪلاٿ هائوس چوڙيگر بازار خيرپور ميرس، سنڌ

506_ نالو:_ ڊاڪٽر نورالدين پٽ:_ مرحوم محمد حسن، ذات:_ سولنگي، پيشو:_ جنرل پريڪٽشنر تعليم:_ ايم بي بي ايس،
ٻيون مصروفيتون:_ ميڊيڪل ڪتاب پڙهڻ، اخبارون جنرل ناليج جا ڪتاب پڙهڻ
ائڊريس:_ گورنمينٽ ڊسپينسري منظور آباد، تعلقه ڪوٽڙي ضلعو دادو.

507_ نالو:_ بابو ضياءَ احمد پٽ:_ غلام سرور ذات:_ جوڻيجو
پيشو:_ شاگرد، تعليم:_ ايم ڪام (شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور)، ڊپلوما ڪمپيوٽر،
ٻيون مصروفيتون:_ شاعري ڪرڻ، سوشل ورڪ،
ائڊريس:_ ايم امين جيولرز معرفت: راجا سوناري شاهي بازار رتوديرو، پوسٽ آفيس رتوديرو ضلعو لاڙڪاڻو.

☆☆☆☆☆☆☆☆☆☆☆

ايڊيٽوريل

# پنهنجي هٿان پاڻ لاءِ چونڊيل مرض

صحت جا ڪي مسئلا ڏسڻ ۽ سمجهڻ ۾ ته ننڍا هوندا آهن پر اهي ننڍا ننڍا مسئلا گڏجي تمام وڏا مسئلا بڻجي ويندا آهن. اسان مان هر هڪ پنهنجي گهر يا دڪان مان بهاريل ڪچرو ڪڍي پنهنجي سامهون واري گهٽي ۾ اهو سمهجهي اڇلائيندو آهي ته ان ٿوري گند جو خير آهي. ان مان وري ڇا ٿيندو. پر ان ڳالهه تي ڪير به نه سوچيندو آهي ته هر گهر يا دڪان مان اڇلايل ٿورو ٿورو گند گڏجي ڪيڏو نه وڏو ڍير بڻجي سگهي ٿو ۽ ڍير تي وري مڇر ۽ مکيون گڏ ٿي صحت جا ڪيترا مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿيون.

ساڳيو حال وري هوندو آهي گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ ناليون ۽ گٽرن جو. انهن ۾ اڇلايل شاپنگ بيگ يا ٻيو گند جڏهن ٿورو ٿورو ٿي گڏ ٿيندو آهي تڏهن اهي اٽلجڻ ۾ دير نه ڪندا آهن ۽ پوءِ سڄا رستا گٽر جي پاڻي سان ڀرجي ويندا آهن. جن مان ٿيندڙ گندگيءَ جي آزار کان هر اهو شهري واقف هوندو جنهن جي محلي ۾ آئي ڏينهن اهو مسئلو سامهون ايندو هوندو. وري پيئڻ جي پاڻي جي گدلاڻ تي اچون ته اسان جي اڪثر ڳوٺن توڙي شهرن ۾ واهن جو پاڻي پيتو ٿو وڃي ۽ ساڳي واهن جي پاڻي ۾ اسان جا ڪيترا ماڻهو پيا ڪپڙا ڌوئيندا، پيشاب ڪندا ۽ وهنجندا. اسان پاڻ ئي اهو پاڻي گدلو ڪنداسين ۽ پاڻ ئي پي بيمار ٿينداسين.

انهي ڪري گهرائي سان سوچجي ته اسان ڪيترين بيمارين پنهنجي لاءِ پاڻ چونڊيون پيا. سرڪاري سطح تي ڪٿي صحت ۽ صفائي جي معاملي ۾ ڪي خاطر خواه انتظام ڪونه آهن پر گهٽ ۾ گهٽ اسان پاڻ ۾ گڏجي پنهنجي لاءِ پيدا ڪيل مسئلن کان ته بچي سگهون ٿا.

— ادارو


diet
bubble
up
Sugar Free
100% Aspartame
It's a sign of Good Taste
diet
bubble
up
Kiss of Lemon -- Kiss of Lime

Noorani

# ڊاڪٽر خالده سومرو سان دل جي بيمارين بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه

**ڳالهه ٻولهه ۾ شريڪ**
**ڊاڪٽر ثناءُالله ڪوڪر ۽**
**ڊاڪٽر افتخار راهوجو**



پروفيسر خالده سومرو دادو ضلع جي ميهڙ پرسان عيسيٰ خان سومرو ڳوٺ ۾ پيدا ٿي، پرائمري کان مئٽرڪ تائين تعليم لاڙڪاڻي ۾ حاصل ڪئي، جڏهن ته انٽرميڊيئيٽ حيدرآباد مان ڪئي. ان کانپوءِ ڊاڪٽري جي بنيادي تعليم ايم. بي. بي. ايس جا پهريان ٻه سال سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچي ۾ پڙهي ۽ باقي سال لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهي سال 1979 ۾ گريجوئيشن ڪيائين.

انڪانپوءِ سال 1983 ۾ نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪيولر ڊزيز مان ڊپلوما ان ڪارڊيولاجي ڪئي. 1990 ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ايم. ڊي (ڪارڊيولاجي) جي ڊگري حاصل ڪئي.

عملي زندگي جو گهڻو حصو لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ گذاريو جتي رجسٽرار، اسسٽنٽ پروفيسر ايسوسيئيٽ پروفيسر طور ڪم ڪيو ۽ 1999 ۾ جڏهن پروفيسر آف ڪارڊيولاجي جي حيثيت سان ڪم شروع ڪيو، تڏهن سندس تقرر ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ۾ ٿيو، جتي سول اسپتال ۾ هيڊ آف ڪارڊيولاجي ڊپارٽمينٽ پڻ آهي.

پڙهندڙن جي بهتر ڄاڻ لاءِ اسان دل جي بيمارين بابت سندس تفصيلي انٽرويو شايع ڪري رهيا آهيون.

**ويجهڙ:** ڪارڊيولاجي جي پروفيسر جي حيثيت سان، توهان اسانجي پڙهندڙن کي ٻڌايو ته اهي ڪهڙا ڪهڙا مرض آهن جن جو ڪارڊيالاجي (دل جي بيمارين جي علم) سان واسطو رهي ٿو.

**پروفيسر خالده سومرو:** انهي ۾ ڪجهه پيدائشي بيمايون آهن ۽ ڪجهه اهڙيون بيماريون جيڪي اڳتي هلي وقت سان گڏوگڏ انساني جسم ۾ ٿين ٿيون، جن کي سيڪنڊري چئجي، پيدائشي بيمارين ۾ ٻارن جي دل جا وال تنگ ٿي سگهن ٿا، يا دل ۾ سوراخ ٿي سگهن ٿا ۽ ڪجهه ٻارن ۾ دل جون وڏيون شريانون پنهنجي جاءِ تي نه هونديون آهن ته ڪن ٻارن ۾ پيدائشي طور دل جي چئن خانن بدران ٻه خانا ٿي سگهن ٿا، سو اهڙي قسم جون بيماريون ٻارن ۾ عام ٿين ٿيون ۽ اهو سڀ انهيءَ ڪري ٿئي ٿو جو اهڙن ٻارن جون مائرون حمل دؤران احتياط نٿيون ڪن، جيئن ڪيتريون مائرون حمل دؤران ايڪسري ڪيرائڻ هليون وينديون آهن ۽ ان کان سواءِ انفيڪشن خاص ڪري روبيلا انفيڪشن ٻه ٻارن کي نقص ڏئي سگهي ٿو، جنهن ڪري انهن ۾ پيدائشي مسئلا ٿي سگهن ٿا. وڏي ڄمار ۾ وري ماڻهن کي بلڊ پريشر هجي ٿو، بلڊ پريشر کي جيڪڏهن گهرائي سان ڏسون ته ان جا ٻه قسم ٿين ٿا، هڪ پرائمري ۽ ٻيو سيڪنڊري، پرائمري جو ڪو سبب نٿو ٿئي. بلڊ پريشر عمر جي حساب سان ٽن حصن ۾ ورهائجي ٿو يعني 20 سالن کان گهٽ عمر ۾ ڪن سببن ڪري واڌڙ رت داٻ (سيڪنڊري هائپر ٽينشن) ۽ 20 کان 50 سال جي عمر ۾ بنيادي واڌڙ رت داٻ (پرائمري هائپر ٽينشن) ۽ 50 سالن کانپوءِ وري ٻيهر سيڪنڊري هائپر ٽينشن ٿئي ٿو. سيڪنڊري هائپر ٽينشن رڳو 10 سيڪڙو ماڻهن ۾ هجي ٿو. پرائمري هائپر ٽينشن ماڻهن ۾ 90 سيڪڙو عام آهي جنهن ۾ ڇڪتاڻ جو وڏو رول آهي. 20 سالن کان اڳ ۾ جيڪو بلڊ پريشر ٿئي ٿو اهو گهڻو ڪري گردن جي خرابي، غدودن يا دل مان نڪرندڙ وڏي شريان جي نقص جي ڪري ٿئي ٿو. 50 سالن جي عمر کانپوءِ وري جيڪڏهن ڏسجي ته بلڊ پريشر سيڪنڊري يعنيٰ ڪنهن نه ڪنهن سبب ڪري ٿئي ٿو. جن سببن ۾ عمر سان گڏ ڪولسٽرال وڌڻ جنهن ۾ وڏي عمر دؤران شريانن جي ٻاهرين تهه (Walls) کي ڪولسٽرال ٿلهو ۽ اندران بند ڪري ڇڏي ٿو.

بلڊ پريشر،کانپوءِ وري ٻي بيماري رهوميٽڪ هرٽ ڊزيز آهي جيڪا ٻه عام طور تي ٻارن ۾ ٿئي ٿي ۽ 3 سالن کان 15 سالن

**ميڊيڪل چيڪ اپ اسڪول لائيف کان شروع ٿيندو آهي پر جيڪڏهن اهو سوال اسڪيمڪ هارٽ ڊزيز جي لاءِ آهي ته 35 سالن کانپوءِ ريگيولر چيڪ اپ ڪرائڻ گهرجي پر اڄڪلهه اهو ڪرائٽيريا به نه رهيو آهي مان پنهنجي وارڊ ۾ اڪثر 20، 25 سالن جي ماڻهن کي به ڏسان ٿي جن کي هارٽ اٽيڪ ٿيو پيو آهي سو ان ڪري عمر جو حساب ختم ٿي ويو**

مانيٽر چيڪ ڪري ڏسندا آهيون ته 24 ڪلاڪن ۾ مريض سان ڇا وهيو واپرايو. ان ڪانپوءِ اِي ٽي ٽي مشين آهي جنهن ذريعي اسان ڪارڊيڪ مريض کي نان ڪارڊيڪ مريض خاص ڪري اسڪيمڪ هارٽ ڊزيز واري مريض کان ڌار ڪري سگهون ٿا ۽ اهو اسپيسفڪ آهي، جنهن سان دل جي مشڪلن جي بيمارين جي خبر پوندي، نارمل ايڪو، ڊاپلر ايڪو آهي جن سان دل جي والن جو مرض دل جا سوراخ، دل جي سائز ۽ دل جو فنڪشن ڏسي سگهون ٿا. ان کان علاوه اسان پيس ميڪر لڳائي سگهون ٿا، جيڪي مستقل ۽ عارضي بنهي قسمن جا ٿين ٿا ۽ دل جو اينجيوگرام به اسان هتي ڪندا آهيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن جسم اندر پيريفرل شريانيون اگر بند هونديون آهن ته انهن جو علاج ڪندا آهيون جيئن ايڪسيڊنٽ ٿي ويو ۽ رڳ ڪٽجي وئي يا ختم ٿي وئي ان جي نشاندهي ڪري سگهبي آهي ته گردن جي آرٽري اينجوگرام به ڪري سگهندا آهيون. ان کان علاوه اسان جي وارڊ ۾ سرجري به ٿي سگهندي آهي، هتي ڪارڊيڪ سرجن به موجود آهن باقي هتي هن وقت اينجيوپلاسٽي ۽ بلون واليولر اينجيوپلاسٽي جنهن سان دل جا والو بغير آپريشن ڪرڻ جي ڪوليا آهن. ان جي سهولت ناهي پر اها مشين به هاڻ اسان مهيني اندر خريد ڪيون ٿا. ان لاءِ اسان جا ڊاڪٽر اڳواٽ ئي ٽرينڊ آهن.

**ويڄ:** اهي جيڪي سموريون ٽيسٽون اوهان ٻڌايون ان لاءِ مريضن کان پئسا ورتا ويندا آهن يا مفت ۾ ٿينديون آهن؟

**پروفيسر خالده سومرو:** بنيادي ٽيسٽون تقريبن سڀ بنا پئسي ڪيون وڃن ٿيون باقي اينجيو لاءِ سامان وغيره سڀ ملائي هڪ مريض تي 7 هزار خرچ اچي ٿو، هاڻي گورنمينٽ هر مريض لاءِ ست هزار برداشت نٿي ڪري سگهي ان ڪري سامان وغيره جو خرچ مريض کي پاڻ ڀرڻو پوي ٿو پر اهو ٻاهر ايندڙ خرچ جو چوٿون حصو آهي ڇو جو ٻاهران جيڪڏهن ڪورونري اينجيوگرافي ڪرائبي ته 28 هزارن ٽائين خرچ آهي، هتي هن کي سامان جا 7 هزار خرچ ڪرڻا ٿا پون. اهڙي طرح هولٽر مانيٽر جو ٻاهر خرچ ساڍا ٽي چار هزار آهي. هتي رڳو مريض کي اليڪٽروڊس وٺي اچڻا ٿا پون جنهن جي قيمت 100 يا 200 رپيا آهي، جيئن اِي ٽي ٽي آهي ان ۾ به اليڪٽروڊس ڪپن ۽ جيلي ڪپي ٻاهر اها ٽيسٽ به 2500 کان ٽن هزارن ٽائين ٿيندي آهي ان ۾ مريض سامان پاڻ وٺي ايندو آهي، جنهن جي قيمت سؤ ڏيڍ سؤ وڃي بيهي ٿي باقي اِي سي جي فري آهي، ليبارٽري ۾ به ڪڏهن ڪڏهن ڪٽ جي قيمت مريض کي ڀرڻي پوندي آهي باقي بين عام ٽيسٽن لاءِ قيمت نه هوندي آهي.

**ويڄ:** اڄ ڪلهه اوهان جي وارڊ ۾ تبديليون نظر پيون اچن، خاص ڪري تعميراتي ڪم جي حوالي سان ته اهي ڪم حڪومت جي سهڪار سان ٿي رهيا آهن يا اوهان کي ڊونيشن به ونو پيا.

**پروفيسر خالده سومرو:** اهو سڄو ڊونيشنس مان پيو ٿئي باقي سڄي مشينري خدا جو شڪر آهي ته مونکي گورنمينٽ وٽان مليل آهي ۽ تعميراتي ڪم ڊونيشن مان پيو ٿئي پر مان پاڻ پئسا نه وٺندي آهيان بلڪ ڊونرس کي درخواست ڪندي آهيان ته هو ڪم پاڻ ڪرائي ڏين. اهڙي طرح اسٽريپٽو ڪائينز جي انجيڪشن جيڪا اڳ هرٽ اٽيڪ جي مريض کي 5 هزار ۾ وٺي اچڻي پوندي هئي هاڻي ڊونر پاڻ وٺي ايندا آهن ۽ اسان انهن مريض کي هٿي چڙهندا آهيون، جيڪي زڪوات جا مستحق هوندا آهن.

**ويڄ:** باءِ پاس سرجريءَ بابت خبرون اينديون آهن ته مريض کي وري شريانين ۾ آپريشن واري جاءِ تي ڄميل پلاڪ ڪري اٽيڪ ٿي سگهي ٿو ته ڇا ايئن آهي.

**پروفيسر خالده سومرو:** بلڪل ٿي سگهي ٿو پر تڏهن جڏهن مريض ڊاڪٽر جي هدايتن تي عمل نه ڪندو جيئن واڪ ڪرڻ ڪولسٽرال نارمل رکڻ وغيره ۽ ڊسپرين جو روزانو واهپو. جيڪڏهن آپريشن ڪانپوءِ انهن شين جو خيال رکيو ويو ته ڪافي بچاءُ ٿي سگهي ٿو.

**ويڄ:** ٽائرو ٽاڪسيڪوسز ۾ جيئن ته دل جو ڌڙڪو تمام تيز ٿي ويندو آهي ۽ ڪافي مريض علاج به ناهن ڪرائيندا ته دل جو ڌڙڪو گهڻو عرصو تيز هلڻ سان ڪنهن دل جي مستقل مرض ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو.

**پروفيسر خالده سومرو:** ٽائروٽا ڪسيڪوسز جو اوور آل دل تي تمام گهڻو اثر پوندو آهي. ٽائروٽاڪسيڪوسز بلڊ پريشر کي به وڌائي ٿو ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن بلڊ پريشر ڪري ڪيٽاڪولامائينز رليز ٿيڻ ڪري ڪورونري ويزو اسپازم به ٿي سگهي ٿو، جنهن ڪري مريض کي انجائنا ٿي سگهي ٿي ۽ بلڊ پريشر وڌڻ ڪري ليف وينٽريڪيولر هائپر ٽرافي به ٿي سگهي ٿي باقي ڪورونري آرٽري جي بند يا بلاڪ ٿيڻ جو هن سان تعلق ناهي.

**ٽائروٽا ڪسيڪوسز جو اوور آل دل تي تمام گهڻو اثر پوندو آهي. ٽائروٽا ڪسيڪوسز بلڊ پريشر کي به وڌائي ٿو ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن بلڊ پريشر ڪري ڪيٽاڪولامائينز رليز ٿيڻ ڪري ڪورونري ويزو اسپازم به ٿي سگهي ٿو، جنهن ڪري مريض کي انجائنا ٿي سگهي ٿي ۽ بلڊ پريشر وڌڻ ڪري ليف وينٽريڪيولر هائپر ٽرافي به ٿي سگهي ٿي**

**ليسمينياسز هڪ قديم بيماري آهي، پر سنڌ ۾ گذريل ٽن سالن کان متعارف ٿي آهي، ۽ بلوچستان، سرحد ۽ پنجاب ۾ موجود رهي آهي. جڏهن ته ترڪي، ايران، سائوٿ آفريڪا ۽ ٻين هنڌن تان ايندڙ ماڻهو به اها بيماري پاڪستان ۾ کڻي آيا هئا. سنڌ ۾ دادو، لاڙڪاڻو ڪانپوءِ هاڻي شڪارپور، سکر ۽ سڄي سنڌ ۾ ليشمينياسز جا ڪيس ظاهر ٿيا آهن.**

جي سائيز، رنگ ۽ متاثر جڳهه تي ان جي ڦهلجڻ سان سڃاڻي سگهجن ٿيون، پر ان جي اڃان صحيح تصديق لاءِ زخم مان سرنج جي سئي وسيلي پاڻي ڪڍي مائڪرو اسڪوپ وسيلي جاچ ڪئي ويندي آهي يا وري زخم جو ننڍڙو حصو ڪڍي ليبارٽري ۾ موڪليو ويندو آهي. اهو ان ڪري جو چمڙي جي ٻين بيمارين ۽ ليشمينياسز جي وچ ۾ فرق کي ڪي ماڻهو سڃاڻي نه سگهندا آهن ۽ چمڙيءَ جي ٻين بيمارين کي ليشمينياسز ۽ ليشمينياسز کي ٻيون بيماريون سمجهيو ويندو آهي. چمڙيءَ جي ٻين بيمارين ۾ اسڪن ڪينسر به شامل آهي، جنهن ۾ چمڙي تي ننڍڙيون ننڍڙيون ڳوڙهيون نڪرنديون آهن، جيڪي اڳتي هلي اندران هڏي کي به کائينديون آهن. ان ڪانسواءِ چمڙيءَ جي ٻين بيمارين ۾ جسم يا منهن تي داڻا نڪرڻ به شامل آهي، جنهن کي انب داڻا به چيو ويندو آهي ۽ ان لاءِ هتي اهو خيال موجود آهي ته اهي گهڻن انبن کائڻ جي ڪري نڪرندا آهن، ڇو ته اڪثر اهي داڻا انبن جي موسم ۾ نڪرندا آهن. ان ڪانسواءِ چمڙي تي موجود وارن جي پاڙن ۾ انفيڪشن به ٿي پوندو آهي، جڏهن ته چمڙي جي به ٽي بي (T.B) ٿيندي آهي يا وري مٺن پيشابن جي مريضن کي ڦرڙيون يا ڦوڙها نڪرندا آهن. پر ليشمينياسز انهن سڀني کان الڳ آهي. هن جو علاج اهو آهي ته اها آهي ۽ ان ۾ وقت لڳندو آهي، مهينا ۽ سال به لڳي سگهن ٿا. جيڪڏهن ان کي صفا ڇڏي ڏبو ته زخم گهرا ۽ نشان وڏا ٿي ويندا ۽ اها بيماري عمر ۽ قوت مدافعت جي ڪري ڪن ۾ جلدي ۽ ڪن مريضن ۾ دير سان درست ٿيندي آهي. ان ڪانسواءِ 40 کان 42 ڊگري سينٽي گريڊ تائين زخمي کي گرمي پهچائي به ٺيڪ ڪري سگهجي ٿو. ان ڪانسواءِ سئي Inj:Pentavalent Antimany Gluconateجي وسيلي به هن جو علاج ۽ روڪٿام ڪيو ويندو آهي. ليشمينياسز جي سئي هڻڻ لاءِ خاص تربيت وٺڻ جي ضرورت آهي، جيڪا زخم ۾ هڻئي ويندي آهي، پر جيڪڏهن زخم گهڻا هجن ته پوءِ ماس ۾ هڻي سگهجي ٿي، جيڪي 10 کان 20 سئيون لڳنديون آهن، ڪن کي ته 10 سئين جي ڊوز ۾ فرق پئجي ويندو آهي، جڏهن ته ڪن ڪن مريضن کي 20 کان 40 سئيون به لڳي سگهن ٿيون. هڪ ڳالهه نوٽ ڪرڻ گهرجي ته ليشمينياسز جون سئيون ري ايڪشن به ڪري سگهن ٿيون، ان لاءِ اول ٽيسٽ ڊوز هڻڻ گهرجي، جيڪڏهن مريض حساس آهي ته پوءِ ان کي خاص ڪري ٻارن ۾ ڊوز جو خاص خيال رکڻ گهرجي ۽ گهٽو ڊوز بڪين کي ختم به ڪري سگهي ٿو. ان لاءِ ليشمينياسز جي علاج لاءِ عملي جي خاص تربيت هجڻ گهرجي ۽ اهو به ممڪن آهي ته اسان وٽ ان جو غلط علاج به ٿيندو هجي." ڊاڪٽر شرف علي شاهه اهو به چيو ته هن بيماري جو علاج به هڪ سائنس آهي ۽ عام ماڻهو کي ان جي خبر نه پوندي. ان کان بچاءَ لاءِ احتياطي طريقا استعمال ڪندي ان خاص مڪ جي شڪل شبيهه ۽ سڃاڻپ کان ماڻهن کي آگاهه ڪيو وڃي ۽ انهن مڪين کي ماڻهن کي ڏيکاريو وڃي. انهن مڪين جي خاتمي لاءِ مليريا ڪنٽرول پروگرام ۽ ايگريڪلچر کاتي وسيلي متاثر علائقن ۽ ٻين هنڌن تي زهريلو ڦوهارو ڪرايو وڃي ۽ ماڻهن کي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ سماجي تنظيمون ۽ ان جا ڪارڪن ۽ صحافي خاص ڪردار ادا ڪن ۽ هاڻي ته ماڻهن کي ڄاڻ ۽ تربيت ڏيڻ اڳي جي ڀيٽ ۾ آسان آهي. ڊاڪٽر شرف شاهه هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته هن بيماري جا وڌيڪ متاثر علائقا جابلو علائقا ۽ بلوچستان جي سرحد سان لڳندڙ علائقا آهن، پر هاڻي اها ٻين هنڌن تي ڦهلجي رهي آهي. شايد ان جو سبب خشڪ سالي ۽ وڌندڙ گرمي به آهي، جڏهن ته لاڙ وارن علائقن مان اڃان ڪوبه ڪيس ظاهر نه ٿيو آهي، ڇو ته اتي سامونڊي آبهوا آهي. بهرحال اڃان ان بيماري جي ڦهلاءَ بابت مفروضا آهن، ان تي تحقيق هلي پئي."

ڊاڪٽر سيد شرف علي شاهه اهو به واضح ڪيو ته "اها بيماري هڪ ماڻهو کان ٻي ماڻهو تائين وچڙندڙ بيماري نه آهي. ان بيماري جو سبب اها خاص مڪ آهي، جنهن جو خاتمو ضروري آهي." ڊاڪٽر جي ان ليڪچر بعد اي ڊي او هيلٿ لاڙڪاڻو ڊاڪٽر عبدالوهاب ودو ڳالهائيندي چيو ته "فيبروري 2001ع" ۾ غيبي ديرو يونين ڪائونسل جي ڳوٺ سوٽو چانڊيو ۾ پهريون ليشمينياسز جو ڪيس ظاهر ٿيو هو، جنهن ڪانپوءِ اسان هڪ سيل ٺاهيو هو، جنهن ۾ ڊاڪٽر فاروق سومرو، ڊاڪٽر منان پنو ۽ مرتضيٰ پناڻ شامل هئا. هن بيماري کي منهن ڏيڻ لاءِ سائنسي طريقي سان ڪم ٿي رهيو آهي. لاڙڪاڻي ۾ جاپان کان خاص ٽيمون آيون هيون، هينئر ڪافي ڪنٽرول آهي. ٽن تعلقن رتوديرو، شهدادڪوٽ، قمبر ڪانپوءِ ميرو خان جي مٿين حصي ۾ ڪيس ظاهر ٿيا هئا، پر هاڻي اهي مکيون لاڙڪاڻي شهر ۾ به پهچي ويون آهن. هن وڌيڪ چيو ته "صحت کاتي لاڙڪاڻي طرفان 6 هزار مريضن جو علاج

**ان لاءِ اين جي اوز ۽ ٻين سان صلاح مصلحت ڪري نتيجا ڏيندڙ پروگرام ڪرائي ۽ فنڊ مان دوائون، اسپري، مڇردانيون، اخباري اشتهار، وال پوسٽر ۽ پمفليٽ ورهايا وڃن، ڇا مليريا ڪنٽرول پروگرام ۽ ٽي بي ڪنٽرول پروگرام ۽ ٻين پروگرامن جهڙو حشر ليشمينياسز سان به ڪيو ويندو، اهو صحت کاتي لاءِ موجود هڪ سوال آهي.**

ٿي چڪو آهي. دوائن جي کوٽ ۽ ٻيا مسئلا بہ آهن. ان بيماري کان بچاءَ لاءِ اهو وائرس رکندڙ ڪوريئڙن کي ماريو وڃي ۽ مکين جي خاتمي لاءِ اسپري ڪرايو ويندو. اسان هن وقت تائين 36 ڳوٺن ۾ ڦوهارو ڪرايو آهي، ڦوهاري جي دوائن جي کوٽ آهي.

اسان ان بيماري جي علاج خاتمي ۽ بچاءَ لاءِ ضلعي اندر ڪيمپون بہ هڻنداسين ۽ ان بيماري کان نجات جو طريقو دوائون ۽ ڦوهارو آهي. آخر ۾ ڊي سي او لاڙڪاڻو ڊاڪٽر بدر اُجڻ ڳالهائيندي چيو تہ ليشمينياسز جي خاتمي ۽ مريضن جي علاج لاءِ ضلعي حڪومت صحت کاتي سان تعاون ڪندي. ان ليڪچر پروگرام ۾ ڊاڪٽر سيد شرف علي شاهہ اهو بہ ٻڌايو تہ ليشمينياسز کان بچاءَ لاءِ ۽ مکين جي چڪ کان بچڻ لاءِ رات جو مڇرداني لڳائي سمهڻ گهرجي ۽ متاثر علائقن ۾ اهي مڇردانيون بہ ڏنيون وينديون.

اهو ليشمينياسز جو پروگرام هو، جيڪو لاڙڪاڻي شهر جي ڄاڻ رکندڙ ڊاڪٽرن، صحت کاتي جو ٻيو اسٽاف، صحافين، اين جي اوز ورڪرن لاءِ منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ اٽڪل 200 ماڻهن جي زبردست مانيءَ جو بندوبست ٿيل هو. ڇا ان کان بهتر اهو نہ هو تہ ميرو خان کان وارهہ، شهدادڪوٽ ۽ ضلعي جي ٻين پوئتي پيل علائقن ۽ متاثر ڳوٺن جي عام ماڻهن، صحافين، مولوين، ڪائونسلرن، عورتن ۽ سماجي ڪارڪنن جي ڄاڻ لاءِ علائقائي ننڍا ننڍا پروگرام ڪرايا وڃن ها ۽ ان لاءِ اين جي اوز ۽ ٻين سان صلاح مصلحت ڪري نتيجا ڏيندڙ پروگرام ڪرائي ۽ فنڊ مان دوائون، اسپري، مڇردانيون، اخباري اشتهار، وال پوسٽر ۽ پمفليٽ ورهايا وڃن، ڇا مليريا ڪنٽرول پروگرام ۽ ٽي بي ڪنٽرول پروگرام ۽ ٻين پروگرامن جهڙو حشر ليشمينياسز سان بہ ڪيو ويندو، اهو صحت کاتي لاءِ موجود هڪ سوال آهي.

rajpar sindhi@ yahoo. com

.................................



**هن علاج لاءِ واسطيدار ڊاڪٽر جو مشورو ۽ سندس نگراني نهايت ضروري ۽ لازمي امر آهي. ٻي صورت ۾ فائدي بدران نقصان ٿيڻ اُٽڙ آهي. تنهنڪري ان جو ٻاڻمرادو استعمال ڪنهن به صورت ۾ نه ڪيو وڃي.**

طريقن جو علاج ٿيندو آهي.

**(1) شعاعن يا ڪرڻن وسيلي علاج**

جيئن اسين مٿي چئي آيا آهيون ته سج جا ڪرڻا موهيڙن کان بچاءَ لاءِ ڪارگر آهن پر جن علائقن ۾ سج جي روشني ڪڏهن ڪڏهن نظر ايندي آهي. مثلن برفاني علائقن يا يورپ وغيره ۾ ته اتي ڪا سني ڪرڻن يا الٽرا وايوليٽ ريز (Ultra Violet Rays)ذريعي موهيڙن جو علاج ڪيو ويندو آهي. پر هنن ڪرڻن جي استعمال ۾ نهايت خبرداري مڪمل تجربي ۽ ڄاڻ جو هجڻ ضروري آهي نه ته چمڙيءَ کانسواءِ اکين کي به نقصان پهچي سگهي ٿو. تنهنڪري هن علاج لاءِ واسطيدار ڊاڪٽر جو مشورو ۽ سندس نگراني نهايت ضروري ۽ لازمي امر آهي. ٻي صورت ۾ فائدي بدران نقصان ٿيڻ اٽڙ آهي. تنهنڪري ان جو ٻاڻمرادو استعمال ڪنهن به صورت ۾ نه ڪيو وڃي.

**(2) موهيڙن واري هنڌ تي دوا لڳائڻ وسيلي علاج**

هن طريقي موجب چمڙيءَ ۾ موجود واڌو سٿپ کي ختم ڪري چمڙيءَ کي گهٽي ياڳي خشڪ ڪيو ويندو آهي. هن طريقي موجب موهيڙن جي ڪري پيدا ٿيندڙ داغ ۽ نشان مٽائڻ ۾ مدد ملندي آهي. هتي پڻ موهيڙن جي حالت ۽ قسم مطابق مناسب دوا جي چونڊ ۽ استعمال لاءِ ڊاڪٽر جي هدايت توڙي صلاح تمام ضروري آهي..

**(3) جِيوڪش دوائن جو علاج**

اهو ثابت ٿي چڪو آهي ته لڳاتار جيوڪش (Antibio-tics) دوائن وسيلي موهيڙن جو بهتر علاج ڪري سگهجي ٿو.

هن طريقي موجب ڪنهن اثرائتي جِيوڪش دوا جو ٿورڙو وزن ڏنو ويندو آهي ته جيئن جيوڪش دوائن جي هاڃيڪار اثرن کانسواءِ موهيڙن جو علاج ٿي سگهي. اهو توهان جي ڊاڪٽر جي فيصلي تي دارومدار رکي ٿو ته هو اهڙي دوا توهان کي کائڻ جي صلاح ڏئي ٿو يا موهيڙن واري جاءِ تي لڳائڻ جي هدايت ڪري ٿو.

**جيوڪش دوائون ڇو؟ ڇا موهيڙن ٿيڻ جو ڪارڻ ڪو انفيڪشن آهي؟**

نه- بلڪل نه! موهيڙا چمڙيءَ تي ڪنهن هاڃيڪار بيماريون وڌائيندڙ جيو جي حملي سببان نه ٿيندا آهن، پر چمڙيءَ ۾ قدرتي طرح اهڙي جِيوَ ضرور هوندا آهن جيڪي ازخود حملو نه ڪندا آهن پر انهن جي موجودگيءَ جي ڪري وڌيڪ سٿپ باهر خارج ٿيندو آهي جيڪو موهيڙا پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ ٿي پوندو آهي.

جڏهن توهان جو ڊاڪٽر ڪنهن دوا جي استعمال جي هدايت ڪندو آهي ته اصل ۾ هو ان دوا وسيلي اهڙن جِيوَن کي مارڻ چاهيندو آهي جيڪي واڌو سٿپ پيدا ڪري ڪنهن پيچيدگيءَ جو سبب ٿي پوندا آهن. دوا جي استعمال سان واڌو سٿپ جو خارج ٿيڻ روڪڻ سان موهيڙا به ختم ٿي ويندا آهن.

پر- ياد رکو!

علاج ۽ دوا جو دارومدار اوهان جي ڊاڪٽر جي پيشي وارانه هدايت تيّ آهي، تنهن ڪري هر صورت ۾ توهان جو پنهنجي ڊاڪٽر تي اعتماد ڪرڻ ۽ ونس مشوري لاءِ هلي وڃڻ ضروري آهي. توهان جو ٻاڻمرادو علاج يا ڪنهن نسخي جو سهارو وٺڻ اوهان لاءِ ڇوٽڪارو نه پر زخمت کي هٿ وٺي دعوت ڏيڻ آهي، ڇو ته، "انساني صورت ئي انسان جي وڏي سڃاڻپ آهي."

ڪنهن طرح به طبي علاج ۾ ڪجهه وقت ضرور سيڙجي ٿو پر موهيڙا ۽ موهيڙن سبب ان ٿيندڙ ذهني پريشاني ۽ ڳڻتي ختم ٿي ويندي آهي. تنهنڪري طبي علاج وقت اوهان پنهنجي ڊاڪٽر کي سڄي ساري حالت ۽ تڪليف کان آگاهه ڪريو. ساڻس علاج جي سلسلي ۾ پورو پورو سهڪار يا تعاون ڪريو ۽ سندس بڌايل هدايتن تي عمل ڪريو.

**موهيڙن جي ڪري منهن جا نشان ڪيئن ويندا؟**

موهيڙن جي ڪري پيدا ٿيندڙ داغ، نشان يا کڏون مٽائڻ لاءِ ڪيترائي طريقا استعمال ۾ ايندا آهن، جن مان هڪڙو طريقو سرجري يا- جراحي آهي، جنهن وسيلي چمڙي کي مٿاهين سطح تي ڇڪي ٻاهر آندو ويندو آهي. هي عمل گهٽو ڪري تڪليف وارو آهي جنهن ڪري بيهوشيءَ کانپوءِ هي عمل ڪيو ويندو آهي. اهڙا ٻيا به ڪيترائي طريقا آهن جهڙوڪ پلاسٽڪ سرجري وغيره پر اهو فيصلو اوهان جي واسطيدار ڊاڪٽر جي مرضي تي ڇڏيل آهي ته هو اوهان لاءِ ڪهڙو طريقو وڌيڪ ڪارائتو ۽ اثرائتو سمجهي ٿو.

**توهان کي ڇا ڪرڻو آهي؟**

جيڪو ڪاڏو واپرائڻ چاهيو واپرايو. پر حفاظتي اپاءَ طور ٿورو خبرداري سان.

☆ سينگار جون شيون (ڪاسميٽڪس) گهٽ ۾ گهٽ ڪتب آڻيو.

☆ منهن ڌوئڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه- ٽي ڀيرا ڌوئو پر منهن کي غير ضروري نموني زور سان رهڙيو ۽ مهٽيو ڪڏهن به نه.

☆ موهيڙن کي نه ته زور سان ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪريو، ۽ نه ڪنهن چهنب واري شئي سان انهن ۾ ٽنگ ڪري انهن کي خراب ڪريو.

☆ پنهنجي ڊاڪٽر سان وقت به وقت لهه وچڙ ۾ اچو ۽ سندس هدايت تي پوريءَ ريت عمل ڪريو.

☆ موهيڙن جو علاج لڳاتار ۽ باقاعدگي سان ڪريو. هن علاج ۾ ڪجهه وقت لڳندو آهي. تنهن ڪري ڪڏهن به مايوس ٿي علاج اڌ ۾ ڇڏي نه ڏيو.

☆ مستقل مزاجيءَ سان پنهنجي. دوائن ۽ پرهيز تي عمل ڪندا رهو.

☆ توهان جو صبر، ۽ مستقل مزاجي سان لڳاتار علاج ڪندو رهڻ ئي موهيڙن جو خاتمو آڻي سگهي ٿو.

☆ فطري تقاضائون، قدرتي نعمتون، اجائي ڳڻتيءَ کان پرهيز ۽ صحتمند ماحول اوهان. کي قدرتي بچاءُ ڏيندو رهندو. تنهن ڪري قدرتي نعمتن جو ڀرپور واهپو ڪريو.

— (ليڊلي جي ٿورن سان)●

# ڊاڪٽر شمس سومري جون يادون اهي ڏينهن اهي راتيون

ڊاڪٽر ثناءُ الله ڪوڪر

**ڪجهه** هفتن جي ڳالهه آهي جو ڊاڪٽر شمس جنهن کي سندس ويجها ساٿي ۽ پراڻا سنگتي پائو شمس ڪري سڏيندا هئا مون سان ملڻ ويڄ آفيس ۾ آيو ۽ مان ڪنهن ڊگهي ڪم سانگي آفيس کان ٻاهر ويل هئس. آفيس ۾ موجود ڊاڪٽر افتخار راهوجو ساڻس مليو. شايد ڪمزوري سبب پائو کي صوفي کي ٽيڪ ڏيندي ننڊ اچي وئي ڪافي دير ٿي وئي ۽ ڊاڪٽر افتخار به آفيس مان نڪري ويو. جڏهن پائو شمس جي اک کلي ته هڪ چٺي منهنجي لاءِ ڇڏي ۽ آفيس کي تالو هڻي هليو ويو. ڪهڙي خبر هئي ته ساڻس ملاقات نه ٿيڻ ڪري ارمانن ڀري چٺي منهنجي لاءِ سندس آخري چٺي هوندي. هونئن به شمس جي عادت هئي ته ننڍڙي ڳالهه کي به لکت ۾ ايتري ته ڊيگهه وترائيندو هئو جو اها ڳالهه دلچسپ بڻجي ويندي هئي ساڳي ريت سندس اها چٺي به ڏاڍي دلچسپ هئي، جنهن ۾ هن مختصر جملن ۾ ماضي جون ڪيترين ئي يادون ورجائي ڇڏيون هيون.

☆ شمس سان منهنجي پهرين ملاقات 1976 جي شروعاتي مهينن جي هڪ رات جو ٿي. جڏهن مان چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ ٽئين سال جو شاگرد هئس ۽ شمس جي پهرين سال ۾ داخلا ٿي هئي. رسول ميمڻ ڪاليج يونين جو مئگزين سيڪريٽري هئو ۽ مان سندس صلاحڪار هئس، مونکي ۽ رسول ميمڻ کي اها خبر پئي ته دادو کان آيل ڪو شاگرد پهرين سال ۾ پڙهندو آهي جيڪو وڏي ادبي ذوق جو مالڪ آهي. ان لاءِ مان ۽ رسول ميمڻ رات جو دير سان گڏجي (جيڪا اسان جي پراڻي عادت هئي) شمس جي ڪمري تي وياسين. در کڙڪائڻ سان جنهن دروازو کوليو خبر پئي ته اهوئي شمس سومرو هئو. سندس روم پارٽنر ستل هئا ۽ هن ويهي آهستگيءَ سان اسان کان حال احوال ورتو. حال احوال ونڊي جڏهن کيس خبر پئي ته اسان ٻنهي منجهان هڪڙو پيراڻ آهي ته هو ڏاڍو گهبرائجي ويو ڇو ته تنهن زماني ۾ پيراڻ لفظ هرويرو ڏاڍو بدنام هئو. هو سمجهڻ لڳو ته اسان شايد ساڻس فولنگ ڪرڻ ويا هئاسين ۽ آهستگي سان چوڻ لڳو پائو مان ڏاڍو شريف ماڻهو آهيان مهرباني ڪري توهان وڃي ڪنهن ٻئي کي پاسو ڏيو. مون کان کل نڪري وئي جنهن تي هو وڌيڪ پريشان ٿيو. پوءِ رسول ميمڻ کيس چيو ته "مان ڪاليج يونين جو مئگزين سيڪريٽري آهيان ۽ اسان توکان مئگزين لاءِ مضمون وٺڻ آيا آهيون." اتي پائو سرهو ڏسڻ ۾ آيو ۽ پنهنجي الماري مان مضمون ڪڍي اسان جي حوالي ڪيو. جيڪو اڄ به ياد اٿم ته "سنڌي ۾ سائنسي اصطلاحن گڏ ڪرڻ/ جوڙڻ تي لکيل هئو. مضمون ڏسندي ئي مون ۽ رسول ميمڻ هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو ۽ اکين اکين ۾ سندس مضمون جي واکاڻ ڪرڻ لڳاسون. پوءِ اسان هن کان موڪلائي ڪبس ايندڙ ڏينهن پنهنجي ڪمري تي اچڻ جي دعوت ڏني ۽ ٻئي ڏينهن جڏهن شمس اسان جي ڪمري تي آيو تڏهن خبر پئي ته هو به مون وانگر چانهن جو چاهيندڙ هئو ۽ پوءِ چانهن اسان ٻنهي جي دوستي جي گهرائپ جو سبب بڻي. وقت گذرندو ويو وقت سان گڏ گهرائپ وڌندي وئي ۽ نيٺ هڪ ڏينهن شمس ۽ مان روم پارٽنر بڻجي وياسون.

☆ شمس هر ڪنهن کي پائو ڪري سڏيندو هئو تنهنڪري مون پنهنجي عادت موجب سندس نالو پائو رکي ڇڏيو جيڪو تنهن زماني کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ڏاڍو مشهور ٿيو.

☆ شمس جيئڻ ڪلهڙو، رلهڙو ملهڙو ۽ دل موهيندڙ شخص تيئڻ تيئڻ سندس ڪاوڙ به ڏاڍي عجيب هوندي هئي. جڏهن کيس گهڻو تنگ ڪندا هئاسون، تڏهن وڌ ۾ وڌ ڪاوڙ ۾ اچي چوندو هئو "پائو ائين آ ته پوءِ نيڪ آ "

☆ شمس کاڌي پيتي ۾ گوشت تمام گهٽ کائيندو هئو ۽ سبزين توڙي دال جو ڏاڍو شوقين هئو. هاسٽل لائف دوران مان اڪثر انتظار ڪندو هوس ته شمس ڪهڙي مهل تو ماني کائڻ وڃي چو ته جڏهن به گوشت پڪل هوندو هئو ته سندس ڀاڱي جون بوٽيون مان کائي ويندو هئس ۽ پائو رس تي گذر ڪندو هئو. ڪاليج لائيف گذرڻ بعد جڏهن شمس ڪراچي آيو ته کيس منهنجي امڙ جي هٿان پڪل دال ڏاڍي پسند هوندي هئي هو اڪثر مون وٽ اچي دال چانورن جي فرمائش ڪندو هئو ۽ کائيندي مهل چوندو هئو ته "اگر منهنجي ماءُ زنده هجي ها ته اها به مونکي اهڙي ئي دال کارائي ها" جڏهن منهنجي امڙ پنهنجي بيماري سبب کاڌو تيار نه ڪري سگهندي هئي ته ساڳئي دال منهنجي ڀيڻ پچائيندي هئي ۽ منهنجي شادي ڪانپوءِ وري منهنجي گهر واري جي هٿان تيار ٿيل ڪڙهي چانور ڏاڍا وڻندا هئس.

☆ هڪ ڀيري اسان بندر روڊ تان پنڌ ڪندي جڏهن صابري نهاري واري وٽان گذرياسين ته مون شمس کي نهاري کائڻ جي صلاح ڪئي، جنهن تي شمس ڪاوڙجي چوڻ لڳو "پائو آخر ته مان انسان آهيان." پوءِ اسان گڏجي وڃي نارائڻ مندر جي

(WORLD TUBERCULOSIS DAY SPECIAL)

ڊاڪٽر افتخار راهوجو

# ٽي.بي: تشخيص ۽ علاج

**تيوبر ڪيولوسز بابت نيشنل ڪلينيڪل گائيڊ لائينس /ڊائگنوسز ۽ مئنجمينٽ تان ورتل**

## تعارف:

ٽي بي گهٽ آمدني وارن ملڪن جي اڪثر آبادي جي بيماري ۽ انهن تي معاشي بار جو سبب آهي ۽ ڪيترن بين ترقي پذير ملڪن وانگر ٽي بي جي صورتحال پاڪستان ۾ بہ تمام گهڻي ڳنڀير آهي، صحت جي عالمي اداري جي انگن اکرن موجب پاڪستان ۾ هر سال 3 لک ڪان مٿي ٽي بيءَ جا نوان ڪيس ظاهر ٿي رهيا آهن، جن مان ٽي چوٿائي بلوغتواري عمر سان تعلق رکن ٿا.

پاڪستان ۾ هن بيماري جي وڏيڪ ڦهلجڻ، موتن جي شرح ۾ واڌاري ۽ گهڻين دوائن جي خلاف مدافعت پيدا ٿيڻ جا وڏا سبب، پلمونري سميئر پازيٽو (اهڙا مريض، جن جي بلغم ۾ ٽي بي واري بيڪٽريا ٽيسٽ ذريعي ڳولهي لڌي وئي هجي) مريضن جي گهڻي انگ جي دير سان تشخيص ٿيڻ ۽ انهن جي اثرائتي علاج ۾ ناڪامي، آهن. ٽي بي جي وچڙندڙ ڪيسن جي اثرائتي علاج سان ئي هن بيماريءَ تي ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو. ٽي بي جي علاج سان نہ صرف مريض جي بيماري يا تڪليف کي گهٽ ڪري سگهجي ٿو، بلڪ جيڪڏهن علاج سٺي نموني ڪيو وڃي تہ ٽي بي سان ٿيندڙ موتن کان بہ بچي سگهجي ٿو.

هن گائيڊ لائن جا وڏا مقصد هي آهن تہ ٽي بيءَ جي مريضن جي شناخت، تشخيص ۽ علاج ۾ ڊاڪٽر ۽ مُتعلق هيلٿ ورڪرن جي مدد ڪجي ۽ ٽي بي تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ سندن اهم ڪردار کي معاشري ۾ اجاگر ڪجي.

## ٽي بي ڇا آهي

ٽي بي هڪ وچڙندڙ، جسم جي ڪنهن بہ حصي ۾ ٿي سگهندڙ، گهر ڪري ويندڙ داڻي دار يا ڏڏرجندڙ بيماري Granulomatous آهي جيڪا مائڪو بيڪٽرم ٽيوبرڪيولوسز (ٽي بي پيدا ڪندڙ جراثيم) جي ڪري ٿيندي آهي، جڏهن تہ مائڪو بيڪٽرم بووس (M. Bovis) ۽ مائڪو بيڪٽرم ايويم (M. Avi-am) بہ اتفاقي هن بيماري جو سبب ٿي سگهن ٿا.

## ٽي بي ڪيئن ٿي ٿئي

ٽي بي جو مرض گهڻو ڪري رڳو ساهہ جي رستي ئي ڦهلجي ٿو. ٽيوبرڪل بيسيلاءِ (جراثيم) ساهہ کڻڻ سان ڦڦڙن ۾ داخل ٿي وڃي ٿو (خاص ڪري ان وقت جڏهن ڪنهن وچڙائيندڙ مريض هوا ۾ ڇڪيو يا ڪنگهيو هجي) ٽي بي ان بنيادي جاءِ يعني ڦڦڙن کان جسم جي بين حصن تائين بہ ڦهلجي سگهي ٿي. اها رت جي دوري ذريعي، ليمفائي نظام ذريعي ۽ سڌو سنئون ڪنهن بہ عضوي کي متاثر ڪري سگهي ٿي.

## ٽي بي جا قسم:

### (1) ڦڦڙن جي ٽي بي

**(Pulmonary Tuberculosis)**

ٽي بي جي ڪل مريضن مان 80 سيڪڙو کان مٿي ڦڦڙن جي ٽي بي ۾ مبتلا هجن ٿا. بالغن ۾ ڦڦڙن جي ٽي بي اسپوٽم سميئر پازيٽو (جن جي بلغم جي نموني ۾ ٽي بي جو جراثيم خوردبينيءَ تي ڏٺو وڃي) ٿئي ٿي، جنهن ڪري اها تمام گهڻي وچڙندڙ هجي ٿي.

اهڙا ڪيس جيڪي اسپوٽم سميئر نيگيٽو (جن جي بلغم جي نموني ۾ جراثيم خوردبينيءَ جي ڇڪاس سان نہ ملي) هجن يا صرف اسپوٽم ڪلچر (هڪ بي ٽيسٽ) تي پازيٽو هجن اهي 7 کان 10 دفعا گهٽ وچڙندڙ آهن، انهن کان جن جي بلغم ۾ سڌو سنئون خورد بيني ڇڪاس (Direct Microscopic Examination) ذريعي جراثيم پازيٽو هجي.

### (2) ڦڦڙن کان ٻاهر واري ٽي بي

**Extrapulmonary T.B**

ڦڦڙن کان علاوه بہ ٽي بي جسم جي ڪنهن بہ حصي کي متاثر ڪري سگهي ٿي جيئن ليمف نوڊ (ليمفائي ڳنڍون) پليورا (ڦڦڙن جي چوڌاري وارو پردو) پيري ڪارڊيم (دل جي چوڌاري ويڙهيل پردو)، هڏا ۽ سَنڌ، جنسي يا نيڪال واري نظامن جي عضون، دماغي نظام خاص ڪري مينجيز (Meningies) آندي ۽ ٻين ڪيترن عضون ۾ وڃي سگهي ٿي، اهڙي صورت ۾ تشخيص گهڻو ڪري ڏکي ٿئي ٿي ۽ اڪثر ڪري ريفرل اسپتالن ۾ ماهر ڊاڪٽر (فزيشن) هٿان ئي ٿئي ٿي. ڦڦڙن جي ٻاهر واري ٽي بي اڪثر ڪري وچڙندڙ نہ هوندي آهي.

### (3) ٻارن ۾ ٽي بي

**:Tuberculosis in Childrens**

ٻارن ۾ ٽي بيءَ جي تشخيص گهڻو ڪري ڊاڪٽري تپاس، ٻار جي ڪنهن ٽي بي جي مريض سان ويجهڙائي تعلق جي امڪان يا شاهدي (History of Close Contact)، ايڪسري جي معائني ۽ ٽبرڪيولن ٽيسٽ تي ٻڌل هجي ٿي، ڇو جو ٻارن مان بلغم جو نمونو حاصل ڪرڻ ڪافي ڏکيو هوندو آهي، ٻارن ۾ ٽي بي جو علاج ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪنهن ماهر کي ئي ڪرڻ گهرجي.

**ڪنهن ماڻهو ۾ ٽي بي جو شڪ**

ڪري انهن ملڪن ۾ جتي هي مرض گھڻو ڦهليل آهي (جيئن پاڪستان). پازيٽو ٽبرڪيولن ٽيسٽ گھڻو ڪري بيماريءَ کي ظاهر ڪري ٿي پر نيگيٽو ٽبرڪيولن ٽيسٽ سان اسان ايڪٽو ٽي بي کي خارج الامڪان قرار نٿا ڏئي سگھون. ائين به ٿي سگھي ٿو ته پازيٽو ٽيوبرڪيولن ٽيسٽ مائڪو بيڪٽرم ٽيوبرڪيولوسز بجاءِ ڪنهن ٻئي مائڪو بيڪٽرم يا مائڪو بيڪٽرم، بووس M . Bovis جي انفيڪشن ڪري هجي، پر پنج سالن جي عمر وارن اهڙن ٻارن ۾ جن کي BCG جو ٽڪو نه لڳل هجي. ٽيوبرڪيولس ٽيسٽ گھڻي اهميت جوڳي آهي، انهن ۾ پازيٽو ٽيوبرڪيولن ٽيسٽ تمام گھڻو ڪري ٽي بي جي ويجھڙائي ۾ ٿيل حملي کي ظاهر ڪندي آهي ۽ اهڙن ٻارن ۾ ٽي بي جي بيماري پيدا ٿيڻ جا تمام وڏا امڪان هوندا آهن.

## اِي ايس آر ESR

ٽي بي جي تشخيص جي سلسلي ۾ هن جي اهميت ڪا خاص ڪانهي يا وري، ائين چئجي ته ٽي بي جي سلسلي ۾ هن تي نٿو ڀاڙي سگھجي (البته E S R جو مسلسل وڌيل هجڻ ڪنهن پراڻي بيماري کي ظاهر ڪري ٿو).

## ٻارن ۾ تشخيص

**Diagnosis in Childrens**

ٻارن ۾ ٽي بي جي تشخيص، علامتن، ڪانٽيڪٽ هسٽري (يعني ٽي بي جي ڪنهن ٻئي مريض سان ويجھو رهڻ جي شاهدي) ٽيوبرڪيولن اسڪن ٽيسٽ ( Tuberculin Skin Test) جي پازيٽو هجڻ (انهن ٻارن ۾ جن کي BCG جو ٽڪو نه لڳل هجي) ۽ جسم جي متعلقه حصي جي ايڪسري کي سامهون رکي ڪنهن ماهر کي ئي ڪرڻ گھرجي.

# ٽي بي جا مونجهارا

**Complications of Tuberculosis**

### (1) بلغم ۾ رت اچڻ

**Haemoptysis**

اها هڪ شديد قسم جي علامت آهي، اهڙن سيني مريضن کي ويجهي اسپتال اماڻجي. علاج ٿيل يا ڪورس مڪمل ٿيل مريضن ۾ وري وري بلغم ۾ رت اچڻ هميشه بيماري جي نئين سر اٿلڻ يا متحرڪ ٿيڻ ڪي ظاهر ناهي ڪندو پر جيڪڏهن شڪ هجي ته بلغم جي چڪاس ڪرائڻ گهرجي، ان سان گڏ ٽي بي کان علاوه بلغم ۾ رت اچڻ جي ٻين سببن کي به ڌيان ۾ رکڻ گهرجي.

### (2) سيني يا ڇاتي ۾ هوا پرجي وڃڻ

**Spontaneous Pneumothorax**

ان صورت ۾ مريضن کي ٽڪڙو ويجهي اسپتال اماڻجي جيئن جلد وڌيڪ علاج ٿي سگهي.

### (3) ڦڦڙن ۾ پاڻي پرجڻ

**Pleural Effusion**

(ڦڦڙن ۽ انهن جي ٻاهرين پردي جي وچ ۾ پاڻي پرجڻ): پاڻي جيڪڏهن تمام گهڻو پرجي وڃي ته صرف ٽي بي جي علاج يا ڪيموٿراپيءَ ذريعي نيڪ نٿو ٿي سگهي بلڪ ان جو نيڪال ئي علامتن کي گهٽائي سگهي ٿو، ان ڪري اهڙن مريضن کي به ويجهي اسپتال ريفر ڪرڻ گهرجي.

### (4) برونڪيڪٽيسز (ڦڦڙن جي نلين جي سوزش) / فائبروسز آف لنگ يا ڦڦڙ جو سڪڙ جي يا سسي وڃڻ:

هي ٽي بيءَ جا عام مونجهارا آهن ۽ نان ٽي بي انفيڪشن (ٽي بي کان علاوه انفيڪشن) ۽ بلغم ۾ رت اچڻ جا ذميوار آهن.

### (5) ساهه جي سرشتي جي ڪم ۾ پراڻي يا مستقل گهٽتائي اچڻ

**(Chronic Respiratory Insufficiency)**

(جنهن ۾ ڦڦڙن جي سؤ سيڪڙو صحتياب نه هجڻ ڪري ڦڦڙ جسم کي پوري آڪسيجن فراهم ڪري نه سگهندا هجن): ٽي بي ختم ٿيڻ يا ٽي بي جي سوزش ۾ ڦٽ ڇٽڻ وقت تائين ڦڦڙن اندر ڪافي ڪجهه پچ ڏاهه ٿي چڪي هوندي آهي ۽ ڦٽ ڇٽڻ ڪانپوءِ نشان ۽ ڪڙيون ڇڏي ويندو آهي. اهڙا مريض (جن کي ڦڦڙن ۾ اهڙا گهڻا نشان يا ڪڏا ٿي ويندا آهن) مسلسل ساهه منجهڻ يا اڪڙڻ، ڪنگهه ۽ بلغم سان گڏ رت اچڻ جون شڪايتون ڪندا آهن ۽ اهي ڊرامائي طرح سان دل جي ٻيهجي وڃڻ (Right heart failure) ۾ به مبتلا ٿي سگهن ٿا، جيئن ڪار پلمونلي (Car -Pulmonale) وغيره (جڏهن دل جي بيماريءَ جو سبب ڦڦڙن جي بيماري هجي يا ڦڦڙن جي بيماري گهڻو عرصو رهڻ ڪانپوءِ دل کي به متاثر ڪري ته ان کي ڪار پلمونلي چئجي)، اهڙن مريضن جو ضروري طرح ٽي بيءَ وارين دوائن سان علاج ڪجي.

## صحت سجاڳي

**(Health Education)**

عوام ۾ اها سکيا ڏني وڃي ته اهڙن مريضن جو صحت مرڪزن ۽ اسپتالن ڏانهن جلد اچڻ ڪيترو اهم آهي، جيڪي سيني جي مختلف علامتن ۾ مبتلا آهن خاص ڪري ٽن هفتن کان مٿي هلندڙ مسلسل ڪنگهه اهڙيون علامتون رکندڙ مريضن کي گهرجي ته هو پاڻ وڃي ڪنهن ويجهي ڊاڪٽر يا سيني جي ڪلينڪ/ اسپتال وڃي پنهنجي تپاس ڪرائن.

ان کان علاوه ان ڳالهه لاءِ به ڪوشش ڪيون وڃن ته ماڻهو ٽي بي جي مرض جي ڊنگ ۽ نيچر کي سڃاڻن ۽ ڪين اها به ڄاڻ هجي ته مڪمل علاج سان اها هڪ قابل علاج بيماري آهي پر جيڪڏهن ان جو صحيح نموني علاج نه ڪيو ويو ته نه صرف ڪيترن ٻين ماڻهن کي ان بيماريءَ ۾ مبتلا ڪرڻ جو سبب بڻبي بلڪ ان مريض جي معذور ٿيڻ يا موت جو سبب به بڻجي سگهي ٿي.

ٽي بي جي مريض ۽ ان جو علاج ڪندڙ ڊاڪٽر جي وچ ۾ سولو ۽ سنو لاڳاپو تمام ضروري آهي ۽ ڊاڪٽر يا صحت مرڪزن طرفان مريض کي صحت سجاڳيءَ يا صحت بابت تعليم ۽ تربيت ڏني وڃي جيئن مسلسل ۽ مستقل بنيادن تي علاج جي ڪورس جي پوري عرصي دوران هو مسلسل بنا ناغي تجويز ٿيل دوائن کي وٺڻ جي اهميت کي سمجهن، مريض کي اهو به سمجهايو وڃي ته هو پنهنجو پاڻ دوا ڪائڻ بند يا ختم نه ڪن.

# ٽي بي جي علاج (ڪيموٿيراپي) جا اصول

**Principles of Chemotherapy**

### (1) علاج جو بنياد يا نچوڙ

**Basis of Treatment**

ٽي بي جي علاج جو نچوڙ يا ڪيموٿيراپي آهي (يعني مستقل بنيادن تي علاج) ان ڪانسواءِ ٽي بي جي جراثيم کي ڦهلجڻ کان بچاءُ ۾ به اهم قدم آهي. مڪمل ڪيموٿيراپي جون گهرجون (Requirements for adequate Chemotherapy) هي آهن.

☆ دوائن خلاف مدافعت کي روڪڻ لاءِ، ٽي بي جي دوائن جي اثرائتي ڪامبينيشن يا

ميلاپ (ٽي بي جون 4 ڪان مٿي دوائون هونديون آهن ۽ انهن جي گڏيل علاج کي ٽي ڪيموٿيراپي چئبو آهي. اثرائتي ميلاپ جو مطلب آهي مختلف وقتن ۾ انهن مان کهڙيون دوائون ۽ ڪيتري مقدار ۾ گڏ ڪري کائجن ان جي صحيح صحيح اندازي يا حساب ڪتاب کي دوائن جو منو ميلاپ چئي سگهجي ٿو) جو هجڻ ضروري آهي.

☆ دوائن جو بلڪل درست مقدار تجويز ڪيو وڃي.

☆ دوا بنا ناغي تجويز شده شيڊول مطابق استعمال ڪئي وڃي.

☆دوا درست تجويز ٿيل عرصي تائين استعمال ڪجي جيئن ڪورس پورو ٿيڻ کانپوءِ بيماري بيهر نه اٿلي پوي.

ان ڳالهه کي جاچڻ لاءِ ته مريض سيئي تجويز شده دوائون باقاعده وٺي ٿو يا نه باقاعده نظرداريءَ جي ضرورت آهي. ڊاريڪٽلي آبزروڊ ٿيراپي (DOT) (ان ۾ روزانو مريض کي ڊاڪٽر يا ڪنهن ٻئي ذميوار ماڻهو جي سامهون دوا کائڻي پوندي آهي ان کي DOT ٿيراپي چئبو آهي) اهڙن ماڻهن ۾ دوا جي صحيح استعمال کي يقيني بڻائي ٿي جيڪي يا ته روزانو ڪنهن صحت مرڪز تي وڃي سگهن يا خاندان جي ويجهي فرد يا محلي يا ڪميونٽيءَ جي ڪنهن معزز شخص جيئن امام، اسڪول ماستر يا ڪميونٽي ليڊر وغيره جي سڌي سنئين نظرداري ۾ دوا کائي سگهن.

دوائن جي باقاعده استعمال جي اهميت جي سلسلي ۾ مريض ۽ انهن جي مائٽن جي تربيت ڪجي ۽ انهن کي DOT يا ڪورس مڪمل ڪرڻ لاءِ ضرور اڪسايو وڃي.

## ڪيموٿيراپي جو عرصو

(Duration of Chemotherapy)

اهڙن مريضن ۾ جن بنا ناغي يا ڳسائڻ جي ڪورس مڪمل ڪيو هجي اها صرف معمولي فائدي واري ڳالهه ٿيندي ته ڪيموٿيراپيءَ کي 8 مهينن جي عرصي کان مٿي تائين جاري رکجي. ڪيموٿيراپي صرف ان وقت بند ڪئي وڃي يا عارضي طرح معطل ڪئي وڃي جڏهن دوا جا شديد زهريلا يا اگرا اثر ظاهر ٿي پون.

## اسپتال ۾ داخل مريض ۽ گهر ۾ دوا وٺندڙ مريض ۾ فرق

Inpatient Versus Out Patient Treatment

☆ اسپتال ۾ پرتي ٿيڻ سان ٽي بي جي علاج تي تمام معمولي يا ڪوبه اثر نٿو پوي اهڙو مريض جيڪو باقاعده دوائون استعمال ڪندو رهي اهو اوترو ئي فائدو يا چڱڀلائي حاصل ڪندو پوءِ چاهي اهو اسپتال ۾ کائي يا گهر ۾. تاهم مريض جي باقاعده ۽ سڌي سنئين نظرداري تمام گهڻي اهميت جي حامل آهي.

اسپتال جو علاج صرف انهن مريض لاءِ تجويز ڪيو ويندو آهي جيڪي شديد بيمار هجن يا جيڪي ٽي بي جي مونجهارن ۽ پيچيدگين جو شڪار هجن. جيئن بلغم سان رت اچڻ يا سيني ۾ هوا ڀرجي وڃڻ وغيره يا جيڪي ٽي بي سان گڏ ڪنهن ٻي شديد بيماريءَ ۾ ورتل هجن. جنهن لاءِ اسپتال ضروري هجي.

## ڳورهارين ۽ کير پيئاريندڙ عورتن ۾ ٽي بي جو علاج

Tuberculosis Treatment during pregnancy and breast feeding

اهڙيون ٽي بي جون مريض عورتون جيڪي حامله هجن بلڪل ساڳي نموني علاج شروع ڪن ۽ ڪائينديون رهن جهڙي نموني ٻيا مريض کائن ٿا ها باقي اسٽريپٽو مائيسن (Streptomycin) دوا استعمال نه ڪرڻ گهرجي ڇو جو ان جا اگرا اثر اڻ ڄاول ٻارتي ٿيڻ جو چانس آهي. ڪا مريض عورت جيڪڏهن علاج دوران ٻار کي کير پيئاريندڙ آهي ته ان لاءِ ضروري آهي ته هو اهو عمل جاري رکي ڇو جو ٻار جو کير ڇڏائڻ سان ٻارجي اوسر کي شديد خطرو ٿي سگهي ٿو.

## دوائون ۽ انهن جو ڪورس

(Drugs a Regimens)

ٽي بيءَ جون دوائون ايستائين استعمال نه ڪجن جيستائين ٽي بي جو مرض ثابت نه ٿئي جن مريضن ۾ ٽي بي جو مرض تشخيص ٿي وڃي انهن کي پنهنجي ڪورس ۽ ڊسيل وقت تائين باقاعده ۽ مڪمل علاج وٺڻ گهرجي. ٽي بيءَ جي مريضن کي ٻن گروپن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪڙا نوان ڪيس ۽ ٻيا بيهر علاج ٿيندڙ ڪيس.

(A) **نوان ڪيس:** اهڙا مريض جن اڳ ۾ ڪڏهن به ٽي بيءَ جو علاج نه ورتو هجي يا وري چئن هفتن کان گهٽ عرصي تائين ورتو هجي. هن گروپ ۾ هيٺيون شيون هجن ٿيون.

☆ سميئر پازيٽو ڦڦڙن جي ٽي بي

☆ سميئر نيگيٽو ڦڦڙن جي ٽي بي

☆ ڦڦڙن کان ٻاهر واري ٽي بي.

هن گروپ وارن مريضن جو علاج 8 مهينن جي مختصر ڪورس ڪيموٿيراپي (SCC) تي ٻڌل هوندو آهي.

**هن کي ٻن مرحلن ۾ ورهائجي ٿو.**

### (1) شروعاتي شدت وارو مرحلو

(Initial Intensive Phase)

هن ۾ 2 HRZE يعني آئسو نيازڊ، ريفامپيسن، پائرا زينامائيڊ ۽ اٿيمبيوٽال Ethambutal, Pyrazinadmide, Rifampicin, Isoniazi ڪڙي نظرداري هيٺ روزانو پهرين ٻن مهينن لاءِ استعمال ڪجن.

### (2) ٻيو يا لاڳيتو مرحلو

(Continuation Phase)

هن ۾ 6HE يعني آئسو نيازڊ ۽ اٿيمبيوٽال روزانو وڌيڪ ڇهن مهينن لاءِ استعمال ڪجن. ان جي جاءِ تي آئسو نيازڊ ۽ ريفامپيسن به چئن مهينن تائين ڏئي سگهن ٿيون.

### (B) ٻيهر علاج وارا مريض

(Retreatment Cases)

اهڙا مريض جن اڳ ۾ به علاج ورتو هجي. ان ۾ هيٺيان ٿي سگهن ٿا.

☆ بيماري ٻيهر اٿلي پئي هجي.

☆ علاج ناڪام ويو هجي.

☆ يا اهڙن سميئر پازيٽو مريضن جن هڪ مهيني کان مٿي علاج (ATT) ورتو هجي ۽ ان کانپوءِ ان کي صحيح نموني جاري نه رکي سگهيا هجن. اهڙن مريضن لاءِ جيڪو علاج مقرر ڪيو ويو آهي اهو به 8 مهينن جو ڪورس (شارٽ ڪورس ڪيموٿيراپي SCC) آهي.

هن کي به ٻن مرحلن ۾ ورهائجي ٿو.

### (1) شروعاتي شدت وارو مرحلو

(Initial Intensive Phase)

هن ۾ 2 RHZE+ S يعني ريفامپيسن، آئسو نيازڊ، پائرا زينامائيڊ، اٿيبيوٽال ۽ اسٽريپٽو مائيسن پهرين ٻن مهينن لاءِ استعمال ڪجن. ان کانپوءِ هڪ مهينو چار دوائون 1RHZE ريفامپيسن، آئسو نيازڊ، پائرا زينامائيڊ ۽ اٿيمبيوٽال استعمال ڪجن.

صورت ۾ جلد از جلد مريض کي ايمرجنسي ڪيئر يا اسپتال پيڙو ڪجي.

☆ پرپيورا **Purpura**:

(پرپيورا ۾ چمڙي ۾ ڳاڙها، ناسي چٽا يا داغ ٿيندا آهن جيڪي اندر ئي جسم جي بافتن (Tissues) مان رت وهڻ ڪري پيدا ٿيندا آهن. ۽ ٻيا ورلي ٿيندڙ ري ايڪشن جيئن شديد هيمولائٽڪ قسم جي رت جي ڪوٽ Haemolytic Anemia (يعني رت ۾ ڪوٽ جو سبب ڳاڙهن جزن جو ٽٽڻ يا تباهه ٿيڻ هجي)، رت دوڙي جو فيل ٿيڻ ۽ گردن جو فيل ٿيڻ وغيره آهن. جيڪڏهن انهن مان ڪوبه هڪ ٿي پوي ته ريفامپيسن جلد از جلد بند ڪرڻ گهرجي ۽ وري بيهر استعمال نه ڪرائجي ۽ مريض کي تڪڙو اسپتال اماڻڻ گهرجي.

ان ڪانسواءِ ننڍا يا معمولي اثر يا ري ايڪشن جيڪي ريفامپيسن جو ڪورس وٺڻ دوران ٿين ٿا سي هي آهن.

☆ چمڙي جو هڪ سينڊروم جنهن ۾ منهن ڳاڙهو ٿي وڃڻ Flushing۽ خارش چاهي اها چمڙي تي داغن سان هجي يا بغير داغن جي. اها گهڻو ڪري ڇهري ۽ نرڙ جي چمڙيءَ تي اثر ڪري ٿي ۽ اکين جو ڳاڙهو ٿيڻ يا پاڻي وهڻ به اڪثر ٿئي ٿو.

☆ فلو سينڊروم (نزلو زڪام) جنهن ۾ بخار، ڏڪڻي، صحت جو معيار گهٽ ٿيڻ، مٿي ۾ سور ۽ هڏن ۾ سور ٿيندو آهي جيڪو بعد ۾ ڪڏهن ڪڏهن شديد به ٿي سگهي ٿو.

☆ ايبڊامينل سينڊروم (Abdominal Syndrom) جنهن ۾ پيٽ ۾ سور، اوڪارا، ڪڏهن ڪڏهن الٽي ۽ ورلي دست به ٿي سگهن ٿا.

☆ چمڙيءَ جو سينڊروم عام طرح پاڻ ئي ٺيڪ ٿي ويندو آهي يا عام طرح ان لاءِ صرف علامتي علاج ئي گهربل هوندو آهي. فلو سينڊروم عام طرح گهڻو شديد نٿو ٿئي، ان ڪري دوا بند يا تبديل ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي. پيٽ واري سينڊروم ۾ به صرف علامتن جي علاج جي ضرورت پوي ٿي (علامتي علاج جو مطلب آهي ته جنهن علاج مان صرف ظاهر ٿيل علامتون ختم ڪري سگهجن) اهڙن ڪيسن ۾ ماني دوران يا مانيءَ ڪانپوءِ ريفامپيسن ڏئي سگهجي ٿي.

ريفامپيسن جيري جي انزائيمن کي وڌائي ٿي ان ڪري اهڙيون دوائون جيڪي جيري ۾ ميٽابولائيز ٿين ٿيون انهن جي گهربل خوراڪ عام خوراڪ کان وڌي به سگهي ٿي (يعني جيڪڏهن ڪا گوري اوهان مٿي جي سور لاءِ 100 ملي گرام جي کائيندا آهيو ۽ اوهان کي سٺو اثر ڪري ڏيکاريندي آهي ته هاڻي جڏهن اوهان ريفامپيسن وٺي رهيا آهيو ته ساڳي مٿي سور جي گوري اهوئي اثر ڏيکارڻ لاءِ اوهان کي 125 ملي گرام يا ان کان گهٽ يا مٿي کائڻي پوندي) انهن ۾ ڪارٽيڪو اسٽيرائيڊ اسٽيرائيڊ ڪنٽراسيپٽوز (حمل روڪ)، اورل هائپو گلائسيمڪ (شگر گهٽ ڪندڙ گوريون) اورل اينٽي ڪاگيولينٽس (رت چٺوڪندڙ گوريون) ۽ فينيٽائن وغيره شامل آهن.

ريفامپيسن استعمال ڪرڻ سان، پيشاب، پائخاني، ٿڪ، بلغم، ڳوڙهن ۽ پگهر جو رنگ نارنگي ڳاڙهي قسم جو ٿي ويندو آهي اهو ڪنهن پيٿالوجيڪل سبب (يعني جسم جي خرابي) ڪانسواءِ ٿئي ٿو پر مريض کي ان بابت آگاهه ڪرڻ ضروري آهي.

### (3) پيرازينامائيڊ

**(Pyrazinamide)**

پيرازينامائيڊ پهرين ٻن ٽن مهينن جي ٿيراپيءَ دوران ڪافي متحرڪ هجي ٿي، هن جي روزاني خوراڪ بالغ ماڻهوءَ لاءِ جسم جي في ڪلوگرام وزن لاءِ 15 کان 30 ملي گرام آهي ۽ ٻارن لاءِ جسم جي في ڪلوگرام وزن لاءِ 20 کان 30 ملي گرام آهي، جنهن جي وڌ ۾ وڌ خوراڪ 2000 ملي گرام تائين ڏئي سگهجي ٿي ۽ اها به ڳورهاري عورت کي باحفاظت استعمال ڪرائي سگهجي ٿي.

هن جو گهڻو شديد يا ڳڻتيءَ جوڳو اثر جيري جي سوزش hepatitisآهي، سنڌن ۾ سور ۽ ڪڏهن ڪڏهن gout (سنڌن جي بيماري گهٽيا چئجي) جو حملو به ٿي سگهي ٿو ڇو جو يورڪ ايسڊ جو اخراج گهٽ ٿي وڃي ٿو ۽ اهو جمع ٿي وڃي ٿو پر اٿين گهٽ ئي ٿيندو آهي.

مدافعتي ري ايڪشن Hyper Sensitivity reaction جيئن بخار ۽ چمڙيءَ تي ريش ۽ چمڙيءَ جا ٻيا ري ايڪشن به ڪڏهن ڪڏهن اتفاقي طور ٿي سگهن ٿا.

### (4) اسٽريپٽو مائيسن

**Strepto mycin**

ڦڦڙن جي خالن يا ڪڏن مان ٽي بي جي جراثيم کي ختم ڪرڻ ۾ هن دوا جو مضبوط ڪردار آهي. هن جي روزاني خوراڪ بالغ ماڻهوءَ ۾ جسم جي في ڪلوگرام وزن لاءِ 15 ملي گرام آهي ۽ وڌ ۾ وڌ هڪ گرام روز تائين وڌائي سگهجي ٿي. ٻارن ۾ روزاني خوراڪ في ڪلوگرام وزن لاءِ 20 کان 30 ملي گرام آهي اسٽريپٽو مائيسن ڳورهاري عورت کي استعمال نه ڪرائڻ گهرجي.

هن جو خاص زهريلو اثر اندرئين ڪن جي ٻڌڻ واري حصي (Vestibuler) کي ڊيميج يا تباهه ڪرڻ آهي ۽ اهو خطرو عمر ۽ دوا جي مقدار جي حساب سان وڌي به سگهي ٿو (ان ڪري هڪ گرام جي خوراڪ کي انهن ۾ گهٽائي 0.75 گرام ڪرڻ گهرجي جن جو وزن 50 ڪلو کان گهٽ ۽ عمر 50 يا ان کان مٿي سالن جي هجي).

ويسٽيبيولر نظام جي پيچ ڊاهه عام طور پهرين ٻن مهينن ۾ ٿيندي آهي ۽ اها ڪنن ۾ سرڙاٽ، مٿي جي ڦيري ۽ عضون جي بنا ڪنٽرول چرپر جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي. اها صورتحال واپس ختم ٿي سگهي ٿي جيڪڏهن دوا بند ڪئي وڃي يا ان جو مقدار 0.25 گرام تائين گهٽ ڪيو وڃي، پر جيڪڏهن علاج وڌيڪ مقدار جي صورت ۾ جاري رکيو ويو ته اها حالت شديد ۽ مستقل به ٿي سگهي ٿي يعني جسم جو بيلنس(توازن) وڃائڻ ۽ ٻوڙو ٿيڻ وغيره. اهو خطرو خاص ڪري انهن مريضن ۾ وڌيڪ ٿئي ٿو جن ۾ بڪين جو خارجي نظام متاثر ٿيل هجي، اسٽريپٽو مائيسن گردن ,لاءِ به هاڃيڪار آهي ۽ رينل امپيئرمينٽ (گردن جو ڪم متاثر ٿيل هجي) وارن مريضن ۾ احتياط سان استعمال ڪرڻ گهرجي. مدافعتي ري ايڪشن (Hypersensitivity) ورلي ئي ٿئي ٿو، جنهن جون علامتون اوچتي بخار ۽ ڪڏهن ڪڏهن گڏ مٿي ۾ سور، الٽي، جسم تي ڳاڙهن ريشن جي صورت ۾ ظاهر ٿين ٿيون.

آهستي آهستي يا معمولي اگرن اثرن ۾ انجيڪشن واري جاءِ تي ري ايڪشن، وات اندر ڇهڻ يا محسوس ڪرڻ جي حس ختم ٿيڻ، بت ڪانڊارجي وڃڻ به انجيڪشن لڳڻ ڪانپوءِ جلد ٿي سگهن ٿا.

جيڪڏهن اهي علامتون وڌيڪ پريشان ڪن ثابت ٿين جيڪو عام طرح نه ٿيندو آهي ته دوا جو مقدار 0.25 گرام تائين گهٽائي سگهجي ٿو. (ياد رهي ته اسٽريپٽو مائيسن انجيڪشن جي صورت ۾ ڏبي آهي).

**اٿيمبيوٽال Ethambutol:**

اٿيمبيوٽال جو بنيادي استعمال ٻين دوائن جي خلاف پيدا ٿيندڙ مدافعت کي روڪڻ آهي هن جي روزاني خوراڪ جسم جي في ڪلوگرام وزن جي لاءِ 15 کان 20 ملي گرام آهي، ذهني طور بيمار Mentally Handi-capped بالغن ۽ ٻارن خاص ڪري 6 سالن جي اندر عمر وارن ٻارن ۾ جن ۾ نظر جي طاقت Visual acuity يا رنگن جي سڃاڻ جي صلاحيت يا پرکڻ مشڪل هجي انهن ۾ اٿيمبيوٽال استعمال نہ ڪرڻ گهرجي.

اٿيمبيوٽال نظر جا مسئلا پيدا ڪري سگهي ٿي. نظر جي ڪمزوري (Decrease in visu-al acuity) نظر جي ڏنڌلاٿپ ۽ ڳاڙهو سائو نظر نہ اچڻ وغيره. اها ڳالهہ واضح آهي تہ اکين کي نقصان پهچائڻ وارو عمل دوا جي مقدار تي ٻڌل آهي ۽ ورلي ئي ٿئي ٿو.

هر اهو مريض جيڪو اٿيمبيوٽال وني ٿو ان کي ان خطري کان آگاهہ ڪرڻ گهرجي تہ جيڪڏهن نظر جا مسئلا ۽ علامتون ظاهر ٿين تہ نظر ۽ اک جي چڪاس ضرور ڪرائجي، جيڪڏهن دوا کي ترت بند ڪيو وڃي تہ چند هفتن ۾ نظر جي درستگي واپس اچي وڃي ٿي. اهڙا مريض جن جي گردن ۾ خرابي آهي، انهن ۾ دوا جو مقدار گهٽائڻ گهرجي.

## دوا جو مقدار يا خوراڪ

| ٻارن ۾ | | بالغن ۾ | |
|---|---|---|---|
| دوا | مقدار جسم جي في ڪلو وزن تي ملي گرام mg/ kg | دوا | مقدار جسم جي في ڪلو وزن تي ملي گرام mg/ kg |
| آئسو نيازڊ (H) | 5-10 | آئسو نيازڊ (H) | 4-6 (05) |
| رفامپيسن (R) | 10-20 | رفامپيسن (R) | 8-12 (10) |
| اٿيمبيوٽال (E) | 15-20 | اٿيمبيوٽال (E) | 15-20 (15) |
| پيرازينامائيڊ (z) | 15-30 | پيرازينامائيڊ (z) | 20-30 (25) |
| اسٽريپٽو مائيسن (s) | 20-30 | اسٽريپٽو مائيسن (s) | 12-18 (15) |

نوٽ: 6 سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارن ۾ اٿيمبيوٽال نہ ڏيڻ گهرجي.

## (ٽريٽمينٽ فلو چارٽ)

## نوان ڪيس:

☆ ڦڦڙن جي ٽي بي جنهن جي بلغم ۾ سميئر پازيٽو هجي.
☆ ڦڦڙن جي ٽي بي جنهن جي بلغم ۾ سميئر نگيٽيو هجي.
☆ ڦڦڙن کان ٻاهر واري ٽي بي.

### (شروعاتي يا شدت وارو مرحلو Initial Intensive Phase)

آئسو نيازڊ --- رفامپيسن ---- پيرازينامائيڊ
اٿيمبيوٽال ٻہ مهينا

↓

### بلغم جو نمونو چيڪ ڪرايو

جيڪڏهن پازيٽو آهي ↓
ٻهريون شدت وارو مرحلو جاري رکو وڌيڪ هڪ مهينو ↓

جيڪڏهن نيگيٽو آهي ↓
لاڳيتو يا ٻيو مرحلو شروع ڪيو
آئسو نيازڊ + اٿيمبيوٽال
6 مهينا

↓

لاڳيتو يا ٻيو مرحلو شروع ڪيو
آئسو نيازڊ + اٿيمبيوٽال
5 مهينا

## ٻيهر علاج وارا ڪيس Retreatment Cases

☆ جن ۾ بلغم سميئر ٻيهر پازيٽو ٿي پوي يا بيماري اٿلي پوي
☆ علاج ناڪام وڃي.
☆ اهڙا سميئر پازيٽو مريض جن ٽي بي جون دوائون هڪ مهيني کان مٿي عرصي تائين ورتيون هجن ۽ پوءِ لاڳيتو جاري نہ رکي سگهيو هجي.

### (شروعاتي يا شدت وارو مرحلو Initial Intensive Phase)

آئسو نيازڊ + رفامپيسن + پيرازينامائيڊ + اٿيمبيوٽال
۽ استريپٽو مائيسن + ٻہ مهينا
پوءِ آئسو نيازڊ + رفامپيسن + پيرازينامائيڊ
+ اٿيمبيوٽال هڪ مهينو

☆ بلغم جو نمونو چيڪ ڪرايو

جيڪڏهن پازيٽو آهي
↓
شروعاتي شدت وارو مرحلو
جاري رکو وڌيڪ هڪ مهينو
↓
☆ بلغم جو نمونو ٻيهر چيڪ ڪرايو
↓
لاڳيتو يا ٻيو مرحلو شروع ڪيو
آئسو نيازڊ + رفامپيسن ۽
اٿيمبيوٽال چار مهينا
↓
جيڪڏهن پوءِ بہ علاج پورو ٿيڻ تائين بلغم سميئر پازيٽو آهي
↓
ڪرونڪ يا گهر ڪنڌڙ ڪيس

جيڪڏهن نيگيٽو آهي
لاڳيتو يا ٻيو مرحلو شروع ڪيو
آئسو نيازڊ + رفامپيسن ۽
اٿيمبيوٽال 5 مهينا

سيني جي ماهر ڊاڪٽر Chest Specialist ڏانهن اماڻيو.
↓

☆ جيڪڏهن اجا بہ پازيٽو آهي تہ بلغم ڪلچر ايند سينسٽوٽي لاءِ موڪليو ۽ ٻيو مرحلو HRE بلغم جي سميئر رزلٽ مطابق شروع ڪري ڇڏڻ گهرجي.
☆ اهڙن مريضن ۾ بلغم جي چڪاس ٽئين پنجين ۽ اٺين مهيني جي آخر ۾ ڪرائڻ گهرجي.




## ياد رکو:

☆ جن مريضن ۾ ڦڦڙ جي ٽي بي جو شڪ هجي انهن سيني جو بلغم سميئر AFBs لاءِ ضرور ڪرايو.

☆ ڦڦڙن کان ٻاهر واري ٽي بي لاءِ هسٽالاجيڪل ثبوت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو
(جيئن= پاڻي يا گند، ليمف نوڊ يا ڳوڙهيون وغيره).

☆ هميشہ دوا جو مقدار مريض جي وزن جي حساب سان رکو.

☆ دوا جي درست مقدار، مستقل ۽ مڪمل علاج ۽ اگرن اثرن بابت مريض کي تعليم ڏيڻ ضروري آهي.

☆ هميشہ چيسٽ سوسائٽي گائيڊ لائين مطابق مريض جي درجہ بندي ڪيو.

☆ شروعاتي شدت واري مرحلي دوران علاج جي سڌو سنئون نگراني ٿيڻ گهرجي.

☆ سڄي علاج دوران واري واري سان مريض جو چيڪ اپ يا فالواپ ضروري آهي.

☆ جن مريضن جي MDR ٽي بي جو شڪ هجي ان کي اسپيشلسٽ لاءِ اماڻجي.

☆ هڪ ڀيرو علاج ناڪام ٿيندڙ مريض کي هڪ دوا ڪڏهن بہ ڏني نہ ڏجي.

دز ۾ گھاٽائي ايندي وئي ۽ گھٽيون گئسون ان مان نڪري ويون ۽ پنيان نهري جسم وارا ڪجھ مادا ڇڏي ويون. هوريان هوريان اهي نهرا جسم پاڻ ۾ گڏ ٿيندا ويا ۽ نيٺ انهن مان زمين وجود ۾ اچي وئي، جنهن ڪانپوءِ زمين جو اندريون حصو گرم ٿيڻ لڳو جنهن سان اندريان مادا رجي زمين تي مٿاڇري تي اڀري آيا. شايد انهيءَ ڪري ئي زمين جا تھ ٺهي پيا. اڄ زمين جو مٿيون تھ يا ڪرسٽ (Crust) ٿڌو ۽ سخت آهي، پر ان جو وچون خول (Core) رجيل ۽ گرم آهي.

زمين جي وچين رجيل خول مان ڪجھ مادا پاڻيءَ جي شڪل ۾ ظاهر ٿيا. ڪجھ مادن وري گئسن جي شڪل ۾ نڪري وايو منڊل (Atmosphere) کي وجود ڏنو. زمين جي مٿاڇري جو پاڻي سج جي گرميءَ سبب بخارن جي صورت اختيار ڪري مٿي ڪڪرن ناهڻ ۾ ڪم اچي ٿو، جتان وري ڌرتيءَ تي مينهن وسي ٿو، جيڪو ڍنڍن، ڍورن مان گڏ ٿي ماحول ۾ پنهنجو عمل ڏيکاري ٿو. ڪڪرن مان آبي بخار جبلن جي چوٽين تي برف جي صورت ۾ ڄمي پون ٿا ۽ گرميءَ تي اتان پاڻيءَ جي صورت ۾ وهڻ سان ڌرتيءَ تي درياھ وجود ۾ اچن ٿا. سمنڊن، درياهن ۽ واهن جي وجود ۾ اچڻ ڪانپوءِ زمين جي مٿاڇري جو گھڻو حصو پاڻيءَ سان ڍڪيل آهي. يعني اٽڪل ٽي حصا پاڻي ۽ هڪ حصو خشڪي يا ڌرتي آهي.

ڌرتيءَ تي سج جي گرمي ۽ هوا جي موجودگيءَ سبب وڻ ٻوٽا اسرن ٿا جن تي جانورن جي گذر ٿئي ٿو. ۽ ماحول جي گئسن جهڙوڪ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ آڪسيجن کان علاوه نائٽروجن جي پيداوار ۽ کپت جو چڪر يا ڦيرو (Cycle) برقرار ۽ بحال رهي ٿو.

زمين تي شروع شروع ۾ تمام گھڻا جبل ٽڪر هئا جيڪي پوءِ موسمي ۽ ماحولياتي تبديلين سبب ڀڄندا ڀرندا رهيا. تيز هوا، پاڻي، ٿڌ ۽ گرميءَ سبب وڏن پربت جيڏن جبلن کي ننڍين ٽڪرين ۽ ڇپن ۾ ٽوڙڻ جو ڪم ٿئي ٿو. ٻرندڙ جبل يا آتش فشان (Volcano) مان ڦاٽي نڪرندڙ لاون جي وهڻ سان جاندارن ۽ غير جاندارن جي ماحول ۾ لڏ پلاڻ، ٻرڻ سڙڻ ۽ ٻيج ڊاھ سبب وڏي تباهي اچي ٿي.

**(3) صنعتي اثر**

**(Industrial Effects)**

صنعتي انقلاب انساني توڙي ٻين جاندارن جي زندگيءَ ۾ سهولتون پيدا ڪري زندگيءَ کي سکيو بڻائي ڇڏيو آهي. جسماني محنت ۽ پورهئي کان بہ انسان کي گھڻي ڀاڱي آجو ڪري ڇڏيو آهي. ۽ اهڙيءَ طرح جاندارن جي ايڪوسسٽم يا ماحول ۾ تبديلي پيدا ڪئي آهي. جانورن تان سواريءَ بار برداريءَ ۽ کيتي ٻاڙيءَ ۾ هَرَ وغيره جهڙا سخت ڪم بہ موٽرن، ٽريڪٽرن، ريلن ۽ جهازن جي صنعت سبب سهنجا ٿي ويا آهن. پيغام رساني ۽ نشر اشاعت جي ماحول ۾ پڻ وڏي تبديلي پيدا ٿي آهي. ٽيليويزن، ٽيليفون ۽ فائبر آپٽڪس دنيا کي هڪ گھر مثل بڻائي ڇڏيو. ڪمپيوٽر جي استعمال زندگيءَ جي سيني شعبن کي رٿابنديءَ سان ترقي ڪرڻ جا موقعا ڪري ڏنا آهن.

صنعتي ترقيءَ جتي عالمگير ماحول کي هيڏي ترقي ۽ سک عطا ڪيا اتي هنن صنعتن مان خارج ٿيندڙ گئسون ۽ ٻيا وهندڙ تابڪار مادا جاندارن جي زندگيءَ لاءِ موت جو کوھ بڻجي پيا آهن.

خام تيل ۽ ڪوئلي تي هلندڙ ڪارخانا پنهنجي چمنيءَ مان نہ فقط زهريليون گئسون خارج ڪن ٿا پر انهن گئسن ۾ گهڻ سڙيل ذرڙا ۽ دَزَ بہ اڏامندا رهن ٿا. جيڪي هوا ۾ خارج ٿيل گئسن جي رفتار گھٽجڻ تي جاندار توڙي غير جاندار ماحول تي وسندا رهن ٿا، جنهن سان انهن جو ماحول خراب ٿيندو رهي ٿو. گئسون مينهن يا گھم سان ملڻ تي تيزاب جي شڪل اختيار ڪن ٿيون ۽ اهو تيزابي مينهن ماحول کي زهريلو بڻائي ٿو.

ڪوئلي جي رک ۽ دونهين ۾ شامل سنهڙا ذرا هوا ۾ شامل ٿي وڃن ٿا ۽ اهڙي ماحول ۾ ساھ کڻندڙ انسانن جي ڦڦڙن تي اثر ۽ ٻين ڪيترن ئي بيمارين جو ڪارڻ بڻجن ٿا. جاندارن جي فقط ساھ جو عمل ئي خراب نٿو ٿئي پر آهي زهريليون گئسون ۽ ذرا پيئڻ جي پاڻيءَ کي بہ خراب ڪن ٿا جنهن سان آبي ماحول پڻ خراب ٿئي ٿو.

صنعتي ترقيءَ ۾ انسان گهٽ خرچ تي گھڻي فائدي ڪمائڻ جو اصول اختيار ڪيو ۽ عام صنعت جهڙوڪ بجلي گھرن وغيره ۾ گئس يا تيل جو استعمال ڪيو ويو، پر جيئن تہ تيل ۽ گئس تي پڻ چڱو موچارو خرچ ٿي آيو تنهنڪري هن ايٽمي توانائيءَ مان فائدا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ٻيو تہ انسان فطري طرح لالچي بہ آهي تنهن ڪري فقط مال دولت ئي سندس پيٽ نہ ڀريو پر ٻين ملڪن تي راڄ ڪرڻ جي حوس ۾ بہ هو مبتلا رهيو جنهن لاءِ کيس هٿيارن جي ضرورت پيش آئي ۽ هن ڏس ۾ هن ايٽمي ريئيڪٽر ناهيا جن جي مدد سان هو ايٽم بم جهڙو خطرناڪ هٿيار ناهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، جنهن جي هڪڙي ڌماڪي سان عالمگير ماحول سالن جا سال تباھ ۽ برباد ٿي وڃي ٿو. ايٽمي ريئيڪٽرن مان ايٽم جي ڦاٽڻ سبب مختلف قسم جا خطرناڪ تابڪار شعاع (Radiations) خارج ٿين ٿا جن جو جاندارن جي زندگيءَ تي سنئون سڌو اثر ٿئي ٿو. اتان نڪرندڙ مادا پڻ هنن شعاعن جي نقصان ڪار اثر سان ڀرپور ٿين ٿا، جيڪي مادا پڻ عام زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ پاڻيءَ ۽ ٻئي ماحول کي زهريلو بڻائين ٿا. ايٽمي صنعت ۾ يورينيم کي ٻارڻ (Fuel) طور استعمال ڪيو ويندو آهي. اهڙو ٻارڻ استعمال ٿيڻ ڪانپوءِ رک جي شڪل ۾ اڇلايو ويندو آهي، جنهن سان ڌرتيءَ جو ماحول ناس ٿي وڃي ٿو. اهڙي رک کي لوھ جي مضبوط ڊرمن ۾ بند ڪري اڇلايو ويندو آهي، پر وقت گذرڻ سان يا حادثاتي طرح اهي ڊرم ڦاٽي يا کلي پوندا آهن ۽ اهڙي طرح ڪائناتي ماحول کي انهن مان نقصان رسندو آهي.

**(4) حياتياتي اثر**

**(Biologica Effects)**

مٽيءَ ۽ واريءَ جا ڍير جيڪي زمين جي وڏي حصي تي ڇانيل رهن ٿا، ڪاٽين مان نڪرندڙ گند ڪچرو يا گند ڪچري جا اهي ڪوڙ جن کي باھ ڏني وئي هجي، اهي سمورا هوائي گدلاڻ جا حياتياتي وسيلا آهن. ٻرندڙ جبل يا آتش فشان مان وهندڙ لاوا پڻ حياتياتي گدلاڻ جو ڪارڻ بڻجي ٿو. زلزلا ۽ جابلو ڇپن جي ڪرڻ سبب بہ هوائي گدلاڻ پيدا ٿئي ٿي.

هوائي گدلاڻ جي ڪجھ مادن ۾ پيٿوجينس يعني بيماريون پيدا ڪندڙ جيوڙا بہ شامل ٿين ٿا، جيڪي بيمار انسان ۽ جانور خارج ڪندا آهن. صحتمند ۽ سگهارا ماڻهو بہ اهڙي قسم جا جيوڙا يا جراثيم خارج ڪندا آهن جيڪي ساھ کڻڻ واري هوا يا پيئڻ جي پاڻيءَ ذريعي ٻين ماڻهن جي جسم ۾ داخل ٿي ڪالرا، دست، پيچش، مليريا ۽ مدي جي بخار جهڙيون بيماريون پکيڙين ٿا.

WAIJ INFORMATION CELL

# ويج انفارميشن سيل

ڊاڪٽر افتخار راهوجو

## اوهان جي ذهن ۾ اُٿندڙ سوين سوالن ۽ مونجهارن جا حل ۽ حقيقتون سائنسي روشنيءَ ۾

**(1) ٿرماميٽر ڪيئن ٿو ڪم ڪري:**

تپش ماپڻ جي اوزار کي ٿرماميٽر چئبو آهي، ٿرماميٽر جا ڪوڙ سارا قسم ٿين ٿا ۽ اهي مختلف مقصدن لاءِ استعمال ٿين ٿا. جيئن طبي ٿرماميٽر جسم جي تپش يعني بخار معلوم ڪرڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿو، اهڙي طرح ٿرماميٽر ڪاڌي جي گرمائش ماپڻ لاءِ به هجي ٿو. پر هتي ان ٿرماميٽر جي تفصيل ڏني ويندي، جيڪو ڪمري جو ٽيمپريچر يا گرمي پد جاچڻ لاءِ ڪمري جي ڀت ۾ لٽڪائبو آهي. اهو ٿرماميٽر شيشي جي هڪ ننڍي نلڪيءَ تي ٻڌل هوندو آهي، جنهن ۾ هڪ رنگدار ليڪ نظر ايندي آهي اها ليڪ اصل ۾ پارو هوندو آهي جنهن کي نيرو ۽ ڳاڙهو رنگ ڏنو ويندو آهي ۽ جيئن ته نلي اندران پوري هجي ٿي ان ڪري پارو ان ۾ هيٺ مٿي سولائيءَ سان حرڪت ڪري ٿو. جڏهن ڪمرو گرم هوندو آهي ته پارو نلڪيءَ ۾ مٿي چڙهي ويندو آهي ۽ جڏهن ڪمرو ٿڌو هوندو آهي ته پارو نلڪي ۾ هيٺ لهي وڃي ٿو. نلڪيءَ تي لڳل نشان ۽ عدد پاري جي اوچائي جي خبر ڏين ٿا. جڏهن پارو 32 ڊگري فارن هائيٽ يا زيرو ڊگري سينٽي گريڊ تائين لهي وڃي ته اسان سيءُ سان ٿڙڪڻ لڳنداسين، ان جي ابتڙ جيڪڏهن پارو 90 ڊگري فارن هائيٽ يا 40 ڊگري سينٽي گريڊ تائين مٿي هليو وڃي ته اسان کي چڱي ڀلي گرمي محسوس ٿيندي.

اوهان جي ذهن ۾ اهو سوال ضرور ايندو هوندو ته پاري جي ليڪ ننڍي ۽ وڏي ڇو ٿيندي آهي، ان جو جواب اهو آهي ته هر ٻي شيءِ وانگر پارو به ننڍن ننڍن ذرن سان ملي ٺهيو آهي، جن کي ماليڪيول چئبو آهي. ماليڪيول هڪ ٻئي سان ٽڪرائجندا ۽ پري پڄندا رهن ٿا يعني هر وقت حرڪت ۾ رهن ٿا. ايستائين جو جنهن وقت پارو نليءَ ۾ هڪ هنڌ بيٺل نظر ايندو آهي ته ماليڪيول ان وقت به پڃ ڊڪ ۾ رهندا آهن. جڏهن ٿرماميٽر کي گرمي پهچندي آهي ته گرميءَ ڪري پاري جي ماليڪيولن ۾ حرڪت تيز ٿيو وڃي ۽ اهي گهٽي جاءِ والارڻ شروع ڪن ٿا جنهن ڪري پارو نليءَ ۾ مٿي چڙهڻ شروع ڪري ٿو. ان جي برعڪس، جيڪڏهن ٿرماميٽر کي ٿڌ پهچي ٿي ته گرمي گهٽ هجڻ ڪري ماليڪيولن جي حرڪت به سست ٿيو وڃي ۽ اهي هڪ ٻئي کي ويجهو کان ويجهو ٿيندا وڃن ٿا. جنهن ڪري نليءَ ۾ پارو هيٺ لهڻ لڳي ٿو.

> **اَسان جي زمين چئني ئي پاسن کان هوا جي پردي ۾ ويڙهيل آهي. هوا مختلف گئسن جو مجموعو آهي. گئسن کان علاوه هوا ۾ پاڻي جا بخار ۽ مٽيءَ جا ذرا به موجود هوندا آهن ۽ هوا جيئن ته مادو آهي ان ڪري ٻين مادن وانگر جڳهه به والاري ٿي ۽ وزن به رکي ٿي. پنهنجي وزن ڪري اها شين تي دٻاءُ وجهي ٿي.**

**(2) ڇا هوا دٻاءُ وجهي ٿي:**

اسان جي زمين چئني ئي پاسن کان هوا جي پردي ۾ ويڙهيل آهي، هوا مختلف گئسن جو مجموعو آهي، گئسن کان علاوه هوا ۾ پاڻي جا بخار ۽ مٽيءَ جا ذرا به موجود هوندا آهن ۽ هوا جيئن ته مادو آهي ان ڪري ٻين مادن وانگر جڳهه به والاري ٿي ۽ وزن به رکي ٿي، پنهنجي وزن ڪري اها شين تي دٻاءُ وجهي ٿي، اسان جي جسم تي به هوا جو دٻاءُ ڪيترا هزار ڪلوگرام هوندو آهي پر اسان ايترو سارو دٻاءُ ان ڪري محسوس نٿا ڪيون جو اسان جي جسم جي اندر ۽ ٻاهر ٻنهي جاين تي هوا موجود آهي، ٻاهرين هوا جيترو دٻاءُ وجهي، ٿي، اندرين هوا به اوترو دٻاءُ وجهي ٿي، انڪري اسان کي هوا جو دٻاءُ محسوس نٿو ٿئي.

**سگريٽ صحت لاءِ ڪيتريقدر هاڃيڪار آهي انجو اندازو شايد اوهانکي نہ هجي- سگريٽ دل جي بيمارين ۽ ڪينسر جو سبب بڻجي سگهي ٿو.**

**سگريٽ ڇڏيو - صحت سنواريو**

# چمڙي ۽ دوائن جو ردعمل

**روزينه لغاري**

جيئن ته اسان جي ملڪ ۾ دوائن جي خريد و فروخت تي ڪو ڪنٽرول نه آهي. هر ماڻهو بغير ڪنهن ڊاڪٽري نسخي جي هر قسم جي دوا ميڊيڪل اسٽور تان آساني سان خريد ڪري سگهي ٿو ۽ بغير ڪنهن ڄاڻ جي دوا لاپرواهي سان استعمال ڪندو رهي ٿو. اهوئي سبب آهي، جو اسان جي ملڪ ۾ ڏينهون ڏينهن دوائن جي ري ايڪشن جي ڪيسن ۾ اضافو ٿيندو رهي ٿو. هڪ عام شخص اهڙين دوائن جي ري ايڪشن جو ان وقت ئي اندازو لڳائي سگهي ٿو، جڏهن ان دوا جو ردعمل چمڙي تي خارش يا چاپاڪي جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو. ڪيتريون ئي اهڙيون دوائون آهن، جيڪي پنهنجو ري ايڪشن مختلف شڪلين ۾ ظاهر ڪن ٿيون. انهن سڀني ري ايڪشنن مان ڏڌر يا چاپاڪو عام آهي. هرڪا دوا هر ماڻهو ۾ چاپاڪو يا ڏڌر پيدا نٿي ڪري سگهي پر اهو چاپاڪو يا ڏڌر صرف ان ماڻهو ۾ پيدا ٿيندو جنهن جي جسم جو نظام ان دوا کي قبول نه ٿو ڪري ٻين لفظن ۾ اهو شخص ان مخصوص قسم جي دوا کان الرجڪ هجي. چمڙي تي دوائن جي اثر خاص ري ايڪشن کي "فڪسڊ ڊرگ اريشن" چئبو آهي.

مٿين ذڪر ڪيل ري ايڪشن ۾ چمڙي تي تيز نيري ۽ ناسي رنگ جا ڊٻا ظاهر ٿين ٿا، جن ۾ تيز قسم جي خارش پيدا ٿئي ٿي، هي ڊٻا ايترا ته تيز ۽ گهاٽي رنگ جا هوندا آهن. جو هنن کي چمڙي جي بيمارين ۾ استعمال ٿيندڙ عام بليچنگ ڪريمن سان تمام ڏکيو صاف ڪري سگهبو آهي، جيڪڏهن ڪنهن شخص کي ڪنهن مخصوص دوا سان مٿين قسم جي ري ايڪشن جي ڪري تيز ناسي رنگ جا ڊٻا سندس چمڙي تي ظاهر ٿين ته ان شخص کي کپي ته هو اها مخصوص دوا مستقبل ۾ بلڪل نه واپرائي ڇو ته اهو شخص جيڪڏهن اها دوا وري واپرائيندو ته ڪيس انهن پراڻن ڊٻن ۾ وري تيز خارش پيدا ٿيندي ۽ انهن ڊٻن جو رنگ وڌيڪ ڪارو ٿيندو ويندو فڪسڊ ڊرگ اريشن جي ري ايڪشن جي ڪري چمڙي جو ڪوبه حصو متاثر ٿي سگهي ٿو، پر خاص ڪري چپن جي هينيان ۽ پيشاب واري جاءِ گهڻو متاثر ٿيندي آهي. ۽ اهو ري ايڪشن گهڻو ڪري سلفا گروپ جون دوائون واپرائڻ جي ڪري. تمام آهي چمڙي تي دوائن جي ڪري هڪ ٻيو انتهائي خطرناڪ ري ايڪشن ٿئي ٿو، جنهن کي اسٽيون جانسن سنڊرم چئبو آهي.

هن قسم جي ري ايڪشن ۾ سڄي چمڙي، وات جي اندر، نڪ جي اندر، اکين جي اندر، ۽ نڙي جي اندر پاڻي سان ڀريل ڦوڪٽا پيدا ٿين ٿا. هي ري ايڪشن انتهائي خطرناڪ آهي ۽ ڪڏهن ته هن ري ايڪشن جي ڪري مريض جي جان به وڃي سگهي ٿي. اهڙي قسم جي مريض کي فوري طور تي اسپتال وٺي وڃڻ گهرجي جتي سندس ترت علاج شروع ڪري ۽ انجي جان بچائي سگهجي.

اهو ري ايڪشن به سلفا گروپ جي دوائن واپرائڻ سان عام ٿيندو آهي. چمڙي تي مختلف قسم جي دوائن استعمال ڪرڻ سان ڪيترا ٻيا به ري ايڪشن پيدا ٿين ٿا. جنهن جو هن مختصر مضمون ۾ ذڪر ڪرڻ ممڪن نه آهي.

### ياد رکو!

ڪاڏي ڪائڻ کان اڳ ۾ هٿن کي صابڻ سان ڌوئي چڱي طرح صاف ڪرڻ گهرجي، ٻي صورت ۾ هٿن تي موجود جراثيمن سبب اوهان ڪيترين ئي بيمارين ۾ مبتلا ٿي سگهو ٿا.

**ڪيتريون ئي اهڙيون دوائون آهن، جيڪي پنهنجو ري ايڪشن مختلف شڪلين ۾ ظاهر ڪن ٿيون. انهن سڀني ري ايڪشنن مان ڏڌر يا چاپاڪو عام آهي. هرڪا دوا هر ماڻهو ۾ چاپاڪو يا ڏڌر پيدا نٿي ڪري سگهي پر اهو چاپاڪو يا ڏڌر صرف ان ماڻهو ۾ پيدا ٿيندو جنهن جي جسم جو نظام ان دوا کي قبول نه ٿو ڪري ٻين لفظن ۾ اهو شخص ان مخصوص قسم جي دوا کان الرجڪ هجي.**

**هن قسم جي ري ايڪشن ۾ سڄي چمڙي، وات جي اندر، نڪ جي اندر، اکين جي اندر، ۽ نڙي جي اندر پاڻي سان ڀريل ڦوڪٽا پيدا ٿين ٿا. هي ري ايڪشن انتهائي خطرناڪ آهي ۽ ڪڏهن ته هن ري ايڪشن جي ڪري مريض جي جان به وڃي سگهي ٿي. اهڙي قسم جي مريض کي فوري طور تي اسپتال وٺي وڃڻ گهرجي جتي سندس ترت علاج شروع ڪري ۽ انجي جان بچائي سگهجي.**


Zindagi main laaye sunshine
makes you feel so fit! So fine!
کسان سن فلاور کوکنگ آئل
100 فیصد خالص کسان سن فلاور کوکنگ آئل اتنا ہلکا اور طاقت سے بھرپور کہ آپ کا
پورا گھرانا نہ صرف صحت مند اور فٹ رہے بلکہ زندگی کے ہر میدان میں سب سے آگے۔
Kisan Sunflower Cooking Oil for Healthy Living!
MOODY
INTERNATIONAL CERTIFICATION
ISO 9002
APPROVED
www.kisanghee.com
کسان اتنا خالص - جتنا پیار

# With Best Compliments

# from

# Phoenix Security Service (pvt) ltd

# ويچ ڊسڪائونٽ ڪوپن

ماهوار ويچ جي پراڻي سلسلي "ويچ ڊسڪائونٽ ڪوپن" کي ختم ڪري نئين سر جوڙيو پيو وڃي.

هن سلسلي ۾ جيڪي ڏنڌي وارا دوست پنهنجو ڊسڪائونٽ ڪوپن شايع ڪرائڻ گهرن، سي هيٺئين پتي تي رابطو ڪن.

## ڊسڪائونٽ ڪوپن شايع ڪرڻ جي ڪا به فيس وغيره ڪونه ورتي ويندي.

ائڊريس

## ايڊيٽر ماهوار ويچ

ڪمرو نمبر-53، پهرين ماڙ، بلاڪ اي،
معين اسٽيل مارڪيٽ، باباءِ اردو روڊ ڪراچي
فون ۽ فيڪس نمبر: 021-7767812

وڏن ويڄن وٽ، جي سڪين تہ سڪعو تبين (شاھ)

ماهوار

ويڄ

ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

# جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا تہ:

- صحت جي سجاڳي آٽينڊڙ سنڌي ٻولي جو هي نرالو رسالو ماهوار "ويڄ" باقاعدگي سان اوهان جي هٿن ۾ هر مهيني پهچي.
- ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ارتقا ۾ اوهان جو حصو شامل هجي.
- سنڌي ٻوليءَ ۾ جديد طبي اصطلاح پنهنجي جاءِ وٺندا رهن تہ پوءِ
- اڄ ئي ماهوار "ويڄ" جي ساليانى خريداري جو ڪوپن ڀري موڪليو.
- ڪوپن سان گڏ ساليانى خريداري جو چندو -/300 رپيا /ڇهہ ماهي خريداري جو چندو -/150 رپيا بئنڪ ڊرافٽ/چيڪ/مني آرڊر ذريعي موڪليو.
- ساليانى خريداري جو چندو موڪلي اوهان ماهوار ويڄ پنهنجي دوستن ۽ پيارن کي سڄي سال لاءِ تحفي طور بہ موڪلي سگهو ٿا. اسان توهان جي دوست/عزيز کي رسالي موڪلڻ سان گڏ اهو اطلاع ڪنداسين تہ رسالو ڪنهن جي پاران تحفو ٿيل آهي.
- ڪوپن ۽ بئنڪ ڊرافٽ هيٺين پتي تي موڪليو.

**سرڪيوليشن مئنيجر ماهوار ويڄ ڪمرو نمبر 53 پهرين ماڙ بلاڪ اي معين اسٽيل مارڪيٽ باباءِ اردو روڊ ڪراچي**

**نوٽ: ساليانى فيءَ جي بدلي رسالي جا 2+12 پرچا موڪليا ويندا.**

# خريداري جو فارم

منهنجو/منهنجي دوست/عزيز جو نالو ماهوار "ويڄ" جي ساليانى/ڇهہ ماهي خريدارن جي سٽ ۾ شامل ڪيو وڃي. مان ساليانو/ڇهہ ماهي چندي جو بئنڪ ڊرافٽ ۽ پنهنجا/پنهنجي دوست/عزيز جا تفصيل هن فارم ۾ شامل ڪري موڪليان پيو.

نالو (ذات سان گڏ):________________________________

ائڊريس:________________________________

________________________________

شامل بئنڪ ڊرافٽ/چيڪ/مني آرڊر نمبر ________________________________

صحيح ________________ تاريخ ________________




# قوم سمجهدار ملڪ شاندار

۲۳ مارچ - اسان جو قومي ڏينهن اسان کي اسان جي ذميدارين جو احساس ڏياري ٿو ته اسان کي هر سطح تي سمجهداري جو ثبوت ڏيڻو پوندو. خاندان جي سطح کان قومي سطح تائين پنهنجا وسيلا ڏسي فيصلا ڪرڻا پوندا. تعليم يافته، صحتمند خاندان لاءِ ضروري آهي ٻارن جي پيدائش ۾ مناسب وقفو ڇو ته تعليم يافته صحتمند خاندان ئي بڻائيندا آهن ملڪ شاندار.

UAN-111-777-444

آبادي جي ڀلائي وارو کاتو - حڪومت سنڌ

INF/KRY-585/04

ORIENT McCANN

